روزاني سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر21جنوري 2024 ع بمطابق09 رجب المرجب1445ھ(قيمت 10 روپيا) شمارو:236

حڪومت ۾ اچي اميرن کان سبسڊي کسي غريبن کي ڏينداسين: بلاول ڀٽو زرداري

پاڪستان کي محنت ۽ خلوص سان معاشي بحران مان نڪري سگهون ٿا، 10 نقاطي معاشي ايجنڊا تي عمل ڪري ئي غربت، بيروزگاري ۽ مهانگائي جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو

باقي سياسي پارٽيون اشرافيه جي نمائندگي ڪن ٿيون، اميرن کي رليف ۽ غريبن کي تڪليفون ڏين ٿيون، 30 لک گهر ۽ 300 يونٽ مفت بجلي ڏيڻ جو واعدو پورو ڪري ڏيکارينداس

ملڪ جي عورتن جي اهڙي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿو جيئن پٽ پنهنجي ماءُ جي ڪندو آهي، جيڪڏهن پيپلز پارٽي جي حڪومت آئي ته ڪسان ڪارڊ ذريعي مالي مدد ڪندس

ڪراچي ۾ دل جي سڀ کان وڏي اسپتال آهي، گمبٽ ۾ 100 سيڪڙو مفت ۽ معياري علاج فراهم ڪيون ٿا، 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ ٻه پارٽيون پاڻ ۾ مقابلو ڪري رهيون آهن

چوندا هئا ته پنجاب ۾ کير ۽ ماکي جا درياهه وهايا آهن، لاهور ۾ ته وڏا پيسا خرچ ٿيا آهن، سوچيم ته سڀ مسئلا حل ٿي ويا هوندا، جنهن تڪ مان مان اليڪشن وڙهي رهيو آهيان اتي صاف پاڻي ئي ناهي

ڪوٽ ادو (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڀ پ ڪانسواءِ سمورا سياستدان خلائي مخلوق مان اميد رکي ويٺا آهن. ڪوٽ ادو ۾ چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽي رڳو عوام ڏانهن ڏسندي آهي ۽ عوام جي ووٽن سان حڪومت ۾ ايندي آهي. هن چيو ته ٻيا سياستدان خلائي مخلوق مان اميدون رکي ويٺا آهن، مون کي سڪاريو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪوٽ ادو: ڀ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

نواز شريف ۽ مريم نواز جي چونڊ مهم بابت پلان تيار ڪيون ويون

عوامي ٽئڪس تي هلندڙ هر ادارو عوام جو آهي، ان بابت ڄاڻڻ ان جو حق آهي: چيف جسٽس

عدالتي فيصلن ۽ ڪارروائين جي ڄاڻ عوام تائين پهچندي آهي، ڄاڻ هڪ بهترين هٿيار آهي، عوام تائين ڄاڻ کي پهچائڻ سٺو قدم آهي، اسان جي اها مرضي نه هلندي ته اوهان کي ڄاڻ ڏيون يا نه ڏيون

ڄاڻ جو اوهان تائين پهچڻ اوهان جو حق بڻجي چڪو آهي، مثبت روشني ڏيکارڻ سان ئي معاشرو تبديل ٿي سگهي ٿو، ڪورٽ رپورٽر عدالتي ڪارروائين جي ڄاڻ عوام تائين پهچڻ جو ذريعو آهي

آئين جي شق 19 ۾ آزاد صحافت جو ذڪر آهي، هڪ شهري تفصيل گهريا آهن ته اوهان جي عدالت ۾ ڪيترا ملازم آهن؟ شهري کي جواب نه مليو ته اهو ڪميشن هليو ويو

اسان پاڻ چون ته عوام کي ٻڌايون ته اسان ڇا ڪري رهيا آهيون، اسان پنهنجو احتساب پاڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، اسان عدليه جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سپريم ڪورٽ جي ٽه ماهي رپورٽ پيش ڪري رهيا آهيون

ٽه ماهي رپورٽ ۾ اهم فيصلن جو حوالو ڏنو ويو آهي، ٽه ماهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪيترا ڪيس داخل ٿيا ۽ ڪيترن ڪيسن جو فيصلو ٿيو، عوام جي پئسن سان هلندڙ هر ادارو عوام جو آهي

اسان سپريم ڪورٽ جي سامهون وارو حصو عوام جي لاءِ کولي رهيا آهيون، صحافين کي دل جو حال ناهي ٻڌايو اميد آهي ته هاڻ مختلف خبرون نه نڪرنديون، صحافي اسان سان اتفاق ڪن يا نه ڪن اهو انهن جو حق آهي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته عوام جي پئسن سان هلندڙ هر ادارو عوام جو آهي. رپورٽ موجب سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس اسلام آباد ۾ هڪ ورڪشاپ کي خطاب ڪندي چيو ته عدالتي فيصلن ۽ ڪارروائين جي ڄاڻ عوام تائين پهچندي آهي، ڄاڻ هڪ بهترين هٿيار آهي، عوام تائين ڄاڻ کي پهچائڻ سٺو قدم آهي. هن چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ تقريب کي خطاب ڪندي

جيڪڏهن عهد جي پڄڪڙي نه ٿئي ها ته پاڪستان ٻه ٽڪر نه ٿئي ها: جسٽس اطهر من الله

تنقيد ڪندڙ ٻه جيڪڏهن ان ئي عدالت تي اعتماد ڪري ته اهو عدليا جو امتحان آهي، سوشل ميڊيا جو اثر ججن تي نه ٿيڻ گهرجي

سوشل ميڊيا جو اثر وٺندڙ جج حلف جي ڀڃڪڙي ڪندو آهي، ٽيڪنالاجي جي دور ۾ رياستون اظهار جي آزادي کي ڪنٽرول نه ٿيون ڪري سگهن

اسان سچ کي دٻائيندي دٻائيندي هتي پهتاسين، ڇا اسان اڄ اصول تي بيٺا آهيون؟ هر هڪ کي پاڻ کان پڇڻ گهرجي ته ڪهڙي پاسي وڃي رهيا آهيون

جسٽس اطهر من الله

لاهور ۾ ڀ پ جي چونڊ آفيس تي حملو، 10 نامعلوم ماڻهن خلاف داخل

ڀ پ اميدوار منظر عباس ڪوکر جي پٽ جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

نامعلوم ماڻهو پيٽرول سان ڀريل بوتلون کڻي آفيس تي حملو ڪيو: درخواست

لاهور (م ڊ) لاهور جي تڪ پي پي 162 ۾ پيپلز پارٽي اميدوار جي چونڊ آفيس تي پيٽرول بم اڇلائڻ جو ڪيس 10 نامعلوم ماڻهن جي خلاف داخل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو قيدين جا بيان وڊيو لنڪ تي رڪارڊ ڪرائڻ جي انتظام جو حڪم

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان سيشن ججز ڏکڻ، اوڀر، سينٽرل، ملير، ٺٽي ۽ سجاول کي خط لکيو ويو

جيل اختيارين سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان مدد وٺي سگهن ٿيون: خط

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جيل اختيارين کي قيدين جا بيان وڊيو لنڪ تي رڪارڊ ڪرائڻ جي انتظامن جو حڪم ڏئي ڇڏيو ان حوالي سان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان سيشن ججز ڏکڻ، اوڀر، سينٽرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪارڪنن کي گولين ۽ بم حملن سان ڊيڄارڻ جي ڪوشش ناڪام ٿيندي: آصفه ڀٽو زرداري

پيپلز پارٽي جي سڄي ملڪ ۾ مقبوليت ڏسي سياسي مخالفن کي پنهنجي شڪست صاف نظر اچي رهي آهي

بلاول ڀٽو زرداري جي تڪ جي صوبائي سيٽ پي پي 162 جي چونڊ آفيس کي نشانو بڻائڻ بزدلاڻي حرڪت آهي

پيپلز پارٽي جو چونڊ ميدان ۾ مقابلو ڪرڻ بدران ڪريل حرڪتن تي لهڻ اصل ۾ شڪست جو اعتراف آهي

ڀ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري

لاهور (م ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نياڻي بي بي آصفه ڀٽو زرداري لاهور ۾ پيپلز پارٽي جي اليڪشن آفيس تي حملي ۽ ڪراچي ۾ پارٽي جي ڪارنر گڏجاڻي تي فائرنگ جي مذمت ڪئي آهي. سندس چوڻ آهي ته ڀ پ جي ڪارڪنن کي گولين ۽ بم حملن سان ڊيڄارڻ جي ڪوشش ناڪام ٿيندي. پيپلز پارٽي جي سڄي ملڪ ۾ مقبوليت ڏسي سياسي مخالفن کي پنهنجي شڪست صاف نظر اچي رهي آهي. جاري ڪيل بيان ۾ بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته ڪراچي جي ضلعي ملير جي علائقي گلشن بونير ۾ جيالي اميدوار آغا رفيع الله جي ڪارنر ميٽنگ تي گوليون هلايون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اليڪشن ملتوي ٿي ته مزاحمت ڪنداسين: شهباز شريف

ايران کان فضائي حدن جي ڀڃڪڙي جي اميد نه هئي، فورسز ڀرپور جواب ڏنو

ٻئي ملڪ دهشتگردي جو شڪار آهن پر اهو مسئلو ڳالهين ذريعي حل ٿي سگهي ٿو



لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر شهباز شريف چيو آهي ته چونڊ ملتوي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته مزاحمت ڪنداسين. ڳالهائيندي شهباز شريف چيو ته ايران کان پاڪستان جي فضائي حدن جي ڀڃڪڙي جي اميد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ملڪ جا سمورا مسئلا حل ڪرڻ جو فارمولو صرف نواز شريف وٽ آهي: مريم اورنگزيب

اسان عدالت ۾ پيش ٿيا آهيون جو ته اسان کي خبر آهي ته متن داخل ٿيل ڪيس ڪوڙا آهن

نواز شريف وٽ ئي مهانگائي کان ڇوٽڪاري جو فارمولو آهي، سستي گيس، بجلي، روزگار ۽ امن جو فارمولو نواز شريف وٽ آهي

ن ليگ دور ۾ نوجوانن کي ليپ ٽاپ مليا، بنا وياج تي قرض ڏنو ويو، عوام کي هميشه نواز شريف ڏکيائين مان ڪڍيو آهي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته ملڪ جا سمورا مسئلا حل ڪرڻ جو فارمولو صرف نواز شريف وٽ آهي. لاهور جي دهشتگردي توڙ عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي مريم اورنگزيب چيو ته اسان عدالت ۾ پيش ٿيا آهيون جو ته اسان کي خبر آهي ته متن داخل ٿيل ڪيس ڪوڙا آهن، هڪ شخص عدالتن آڏو جوابده نه ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

جماعت اسلامي کي اليڪٽرڪ کي لائسنس ڏيڻ جي مخالفت ڪري ڇڏي

ڪي اليڪٽرڪ ڪراچي جي عوام کي قربو آهي: حافظ نعيم

ڪي اليڪٽرڪ اين ٽي ڊي سي 62 ارب رپيا، ايس ايس جي سي 172 ارب رپيا قرضي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان 2044ع تائين ڪي اليڪٽرڪ کي لائسنس ڏيڻ کي مذمت جوڳو ۽ ڪراچي دشمن قرار ڏنو آهي. ڪي اليڪٽرڪ کي لائسنس جاري ڪرڻ تي رد عمل ظاهر ڪندي حافظ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آءِ ايم ايف پاڪستاني معيشت جي حوالي سان خوشخبري ٻڌائي ڇڏي

پاڪستان حڪومت جا ناڻي متاسنا جا ذخيرا 4.5 مان وڌي 8.2 ارب ڊالر ٿي ويا آهي: رپورٽ

پاڪستان معاشي بهتري لاءِ جولاءِ کان سيپٽمبر تائين سمورا هدف حاصل ڪيا، توانائي شعبي ۾ سڌارن جي ضرورت آهي

پاڪستان ۾ زرعي شعبو 5.1 سيڪڙو جي شرح سان ترقي ڪري رهيو آهي پر صنعتي شعبو ڏکيائين ۾ آهي

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي متاسنا جي ذخيرن ۾ واڌ سبب هلندڙ مالي سال پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح 2 سيڪڙو تائين رهڻ جو امڪان آهي. آءِ ايم ايف جي پاڪستاني معيشت بابت رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان حڪومت جا ناڻي متاسنا جا ذخيرا 4.5 مان وڌي 8.2 ارب ڊالر ٿي ويا آهي. جولاءِ 2023 کان معيشت درست رستي تي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

بجلي جي بلن تي گذريل ٽن سالن دوران 1410 ارب روپيه ٽيڪس وصولي جو انڪشاف

ڪراچي (رپورٽر) بجلي جي بلن تي گذريل 3 سالن دوران اربين روپين جي ٽيڪس وصولي جو انڪشاف ٿيو آهي. بجلي جي بلن تي لڳايل ٽيڪسز حڪومت جي لاءِ آمدني جو وڏو ذريعو بڻجي ويا. گذريل 3 سالن دوران انهي مد ۾ 1410 ارب روپين جي ٽيڪس وصولي ڪئي وئي. انگن اکرن موجب ٽن سالن دوران بجلي جي بلز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

رڳو هڪ جلسي جي اجازت ڏيو سيني کي خبر پئجي ويندي: عمران خان

چوان ٿو ته چونڊن کان رڳو 3 ڏينهن اڳ مون کي ڇڏي ڏيو ۽ هڪ جلسو ڪرڻ جي اجازت ڏيو ته سيني کي خبر پئجي ويندي

منهنجي خلاف عدالت جو فيصلو معطل ٿي چڪو آهي، سزا يافته نواز شريف کي ڪليئر ڪيو ويو، منهنجي اپيل کي نه پيو ٻڌو وڃي

پي ٽي آءِ وٽ ووٽ بينڪ آهي، تنهن ڪري اسٽيبلشمينٽ کان اها پارٽي نه پئي ٽٽي، چونڊون ختم ٿينديئي ماڻهو پي ٽي آءِ ڏانهن ايندا

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان چيو آهي ته اسان کي چونڊ مهم هلائڻ جي اجازت به نه پئي ڏني وڃي، مان چوان ٿو ته چونڊن کان رڳو 3 ڏينهن اڳ مون کي ڇڏي ڏيو ۽ هڪ جلسو ڪرڻ جي اجازت ڏيو ته سيني کي خبر پئجي ويندي. اڊيالا جيل ۾ صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي عمران خان چيو ته مون کي نااهل ڪيو ويو، جڏهن ته عدالت جو فيصلو معطل ٿي چڪو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بئنڪ مان قرض کڻي ڪاروبار ڪرڻ جي سوچ مان نڪرڻو پوندو: شمشاد اختر

چيلنجز باوجود اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ اصلاحات آنديون، هلندڙ مالي سال زرعي ترقي جي شرح 5 سيڪڙو کان وڌيڪ رهندي

صنعتي ترقي 2 سيڪڙو کان وڌيڪ رهندي، وڌيڪ وياج جي شرح ۾ ڪيپٽل مارڪيٽ بهتر پرفارم نٿي ڪري سگهي

رڪارڊ مهانگائي عالمي سطح تي ڏني وئي، عالمي حالتون اسان جي مارڪيٽ تي اثرانداز ٿيون آهن: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) ناڻي واري نگران وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر چيو آهي ته بئنڪ مان قرض کڻي ڪاروبار ڪرڻ جي سوچ مان ٻاهر نڪرڻو پوندو. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي تحت ڪيپٽل مارڪيٽ جي مستقبل کي بااختيار بنائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ناڻي واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر

پاڙيسري ملڪ جي ڳجهي ايجنسي لاءِ ريڪي ڪندڙ جوابدار ڪراچي مان گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) سي ٽي ڊي سولجر بازار ۾ ڪارروائي ڪندي پاڙيسري ملڪ جي ڳجهي ايجنسي لاءِ ريڪي ڪندڙ جوابدار کي پڪڙي ورتو. جوابدار مفتي تقي عثماني تي حملي ۾ به ملوث رهيو آهي. سي ٽي ڊي انچارج خرم وارث موجب ڪراچي ۾ سي ٽي ڊي سيل ڳجهن ادارن سان گڏجي سولجر بازار ۾ ڪارروائي ڪئي، جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لطيف کوسا عمران خان خلاف 190 ملين پائونڊ ڪيس کان ڌار ٿي ويو

لطيف کوسا جي جاءِ تي علي ظفر پي ٽي آءِ باني جي وڪالت ڪندو

کوسا ۽ ٽيم چونڊن ۾ مصروفيتن سبب پاڻ کي ڪيس کان ڌار ڪيو

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ باني خلاف 190 ملين پائونڊ ڪيس مان وڪيل لطيف کوسا ڌار ٿي ويو. لطيف کوسا جي جاءِ تي علي ظفر پي ٽي آءِ باني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نواز شريف چونڊ وڙهندو پر چوٿون ڀيرو وزيراعظم نٿو بڻجي سگهي: منظور وسان

جيڪڏهن نواز ليگ مان ڪو وزيراعظم بڻيو ته مريم نواز يا شهباز شريف بڻجي سگهي ٿو

وزيراعظم بلاول هوندو پر جيڪڏهن ن ليگ مان ڪو وزيراعظم ٿيو ته مريم نواز يا شهباز شريف ٿيندو

خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب ۾ ٻه ڀ پ کي اڪثريت ملندي، بيٺ وارا آزاد آهن ۽ اهي بلاول کي ووٽ ڏيندا

خيرپور (رپورٽر) ڀ پ اڳواڻ منظور وسان چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم بڻجندو پر جيڪڏهن ن ليگ مان ڪو وزيراعظم بڻيو ته مريم نواز يا شهباز شريف بڻجي سگهي ٿو. سياسي اڳڪٿين جي حوالي سان مشهور منظور وسان خيرپور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته نواز شريف چونڊ ته وڙهي سگهي ٿو پر چوٿون ڀيرو وزيراعظم نٿو بڻجي سگهي. هن چيو يقين سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

موسميات کاتي ڪراچي ۾ برسات جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

شهر جو گهٽ کان گهٽ گرمي پد 13 کان 15 ڊگري رهڻ جو امڪان

بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ ڪڻن سان برسات کان پوءِ موسم ٿڌو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي ٻڌايو آهي ته آچر ۽ سومر تي شهر جو موسم جهڙالو رهڻ ۽ ڪجهه علائقن ۾ برسات سبب ٿڌ ۾ واڌ جو پڻ امڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پاڪ – ايران لاڳاپا معمول تي اچڻ کانپوءِ فضائي ٽريفڪ ۾ به بهتري اچي وئي

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان ۽ ايران وچ ۾ لاڳاپا معمول تي اچڻ کانپوءِ فضائي ٽريفڪ ۾ به بهتري اچي وئي، اوڀهه سميت پاڪستان جي حدن ۾ ايندڙ اڏامن جي انگ ۾ واڌ ٿي وئي، ايران سميت اوڀهه پاسي کان پاڪستان جي حدن ۾ ايندڙ اڏامن جو انگ معمول تي اچي ويو روز 700 اڏامون پاڪستاني فضائي حدن مان گذري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22



ڀ پ اڳواڻ منظور وسان

عدالت ۾ عدم پيشي تي ملڪ رياض ۽ سندس پٽ جي ملڪيت ضبط

حڪم نامو اسلام آباد جي احتساب عدالت ون جي جج محمد بشير جاري ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) عدالت ۾ عدم پيشي تي بحريا ٽائون جي سربراهه ملڪ رياض ۽ پٽ جي ملڪيت ضبط ڪئي وئي، ملڪيت ضبط ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پوليس کي منهنجي ماتحت ڪريو، ڏوهه ٿيو ته استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس: ڪامران ٽيسوري

سول اسپتال ۾ هڪ بستري تي 3 ٻار رکيل آهن، گهرياتي فوٽ پاٿ تي مجبوري واري حالت ۾ ستل نظر آيا

ڪراچي جي سمورين سرڪارين اسپتالن جي حالت تمام گهڻي خراب، ٻين صوبن ۾ 10 لک روپين تائين علاج جي لاءِ ڪارڊز موجود

95 ارب روپين جو بجيٽ اسپتالن کي ڏنو پيو وڃي اهو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي: سول اسپتال جي دوري تي صحافين سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته صرف ٻن ڏينهن جي لاءِ آءِ جي ۽ ڪراچي پوليس چيف کي منهنجي ماتحت ڪريو پوءِ شهر ۾ ڪٿي به ڏوهه ٿئي وڃي ته مان پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس. ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ذڪاءُ اشرف جي استعيفيٰ، وقتي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي چيئرمين شاهه خاور هوندو

لاهور (م ڊ) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي مئنيجمينٽ ڪميٽي جي سربراهه ذڪاءُ اشرف جي استعيفيٰ کانپوءِ وقتي چيئرمين جو نالو سامهون اچي ويو آهي پي سي بي موجب، مئنيجمينٽ ڪميٽي جي اجلاس ۾ ذڪاءُ اشرف استعيفيٰ جو اعلان ڪيو پي سي بي جو چوڻ آهي ته ذڪاءُ اشرف کي مئنيجمينٽ ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

احتساب عدالت جي جج محمد بشير رٽائرمينٽ تائين موڪلن جي درخواست ڏئي ڇڏي

جج محمد بشير 24 جنوري کان رٽائرمينٽ جي تاريخ 14 مارچ تائين موڪلن جي لاءِ خط لکي ڇڏيو

طبيعت خراب هجڻ سبب ڊيوٽي جا معاملا انجام نٿو ڏئي سگهان، رٽائرمينٽ تائين موڪل منظور ڪئي وڃي: درخواست

محمد بشير نواز شريف، مريم ۽ صفدر کي سزائون ٻڌايون، عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جو ڪيس به وٽس هلندڙ

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان جي خلاف داخل ڪيل ڪيسز تي ٻڌڻي ڪندڙ احتساب عدالت جي جج محمد بشير پنهنجي رٽائرمينٽ تائين موڪل جي درخواست ڏئي ڇڏي آهي جنهن جو سبب هن طبيعت خراب هجڻ ٻڌايو آهي. ذريعن موجب جج محمد بشير 14 مارچ 2024 تي رٽائرڊ ٿي رهيو آهي پر هن نوڪري جو مدو ختم ٿيڻ کان اڳ ئي موڪل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

شامي راڄڌاني ۾ اسرائيلي حملا، ايراني عهديدار سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

اسرائيل دمشق ۾ ايراني اختيارين جي استعمال هيٺ عمارت کي نشانو بڻايو

حملي ۾ ايراني پاسداران انقلاب جي عهديدارن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

دمشق (م ڊ) شامي راڄڌاني ۾ اسرائيلي حملا، ايراني عهديدار سميت 5 ڄڻا مارجي ويا. پرڏيهي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو ته اسرائيل شامي راڄڌاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

آئل اينڊ گيس ڪمپني جي سيڪيورٽي گاڏي تي حملو، 3 ايف سي اهلڪار زخمي

نامعلوم ماڻهن ڪمپني جي حفاظتي گاڏي تي حملو درازنده جي علائقي ۾ ڪيو

گاڏي تي ريموٽ ڪنٽرول بم جي ذريعي ڌماڪو ڪيو ويو، فائرنگ جي ڏي وٺ به ٿي

ڊيره اسماعيل خان (م ڊ) آئل اينڊ گيس ڪمپني جي سيڪيورٽي گاڏي تي حملي جي نتيجي ۾ 3 ايف سي اهلڪار زخمي ٿي پيا آهن. پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

دوحا: نگران وفاقي صلاحڪار جواد سهراب ملڪ قطر جي تعليم واري وزير سان ملاقات ڪندي

اسرائيلي بمباري دوران فلسطيني جوڙي جي شادي

رفح جي پناهگير ڪيمپ ۾ فلسطيني خاندان شادي ڪرائي ڇڏي

غزا (م ڊ) اسرائيلي بمباري دوران فلسطيني جوڙي سادگي سان شادي ڪري ڇڏي. پرڏيهي خبررساں اداري موجب رفح جي پناهگير ڪيمپ ۾ فلسطيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

گهوٽڪي ۾ پرسان ساوند ۽ سندراڻي برادري ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، 6 ڄڻا مارجي ويا

سرحد ٿاڻي جي حد ڪنگي واري هنڌ تي پراڻي تڪرار تان سندراڻي برادري جي ماڻهن ڳوٺ ڄام ساوند تي حملو ڪري ڏنو

فائرنگ جي نتيجي ۾ ساوند برادري جا 6 ڄڻا ٿڏي تي ئي مارجي ويا، 4 زخمي ٿي پيا، لاشن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

مقتولن جا وارث چڱن مڙسن تي ڪيس داخل نه ٿا ڪرائين، انهن ۾ هٿ وجهڻ تائين خوني تڪرار حل نه ٿيندا: ايس ايس پي گهوٽڪي

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي جي تعلقي ميرپور ماٿيلو پرسان ساوند ۽ سندراڻي برادري ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. رپورٽ موجب سرحد ٿاڻي جي حد ڪنگي واري هنڌ تي پراڻي تڪرار تان سندراڻي برادري جي ماڻهن ڳوٺ ڄام ساوند تي حملو ڪري ڏنو فائرنگ جي نتيجي ۾ ساوند برادري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گهوٽڪي: قبائلي جهيڙي ۾ مارجي ويلن جا فائل فوٽوز

پاڪستان ۾ في تولو سون 300 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ ٻه لک 15 هزار 300 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) عالمي ۽ مقامي مارڪيٽ ۾ سون جي اگهه ۾ واڌ ٿي وئي، عالمي مارڪيٽ ۾ سون 5 ڊالر واڌ سان 2 هزار 50 ڊالر في اونس ٿي ويو جنهن جو اثر مقامي مارڪيٽ تي به پيو. پاڪستان ۾ في تولو سون 300 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ ٻه لک 15 هزار 300 رپين جو ٿي ويو. جڏهن ته 10 گرام سون 257 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

عام چونڊن ۾ ڊيوٽي لاءِ هڪ لک 68 هزار سيڪيورٽي اهلڪارن جي کوٽ

سڄي ملڪ ۾ اليڪشن ڊيوٽي لاءِ 5 لک 35 هزار 402 سيڪيورٽي اهلڪارن جي ضرورت آهي: ڪميشن

پنجاب، سنڌ، بلوچستان، خيبرپختونخواهه ۽ اسلام آباد جي لاءِ 3 لک 67 هزار 669 سيڪيورٽي اهلڪار موجود

اسلام آباد ۾ 4500، پنجاب ۾ 1 لک 30 هزار سيڪيورٽي اهلڪار پولنگ ڊي تي سيڪيورٽي لاءِ دستياب

اسلام آباد (م ڊ) عام چونڊن دوران امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ ۽ پولنگ اسٽيشن تي ڊيوٽي لاءِ هڪ لک 67 هزار 733 اهلڪارن جي کوٽ سامهون اچي وئي آهي. سڄي ملڪ ۾ اليڪشن ڊيوٽي لاءِ 5 لک 35 هزار 402 سيڪيورٽي اهلڪارن جي ضرورت آهي. پنجاب، سنڌ، بلوچستان، خيبرپختونخواهه ۽ اسلام آباد جي لاءِ، پولنگ ڊي تي 3 لک 67 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

دڙو پرسان صوفي بزرگ حضرت سيد نوح شاهه بخاري جي ميلو

ثقافتي رنگن جي بهار، سنڌ جي مشهور ملهه پهلوانن وچ ۾ چوٽي جا مقابلا، ڏڳن جي ريس

هر طرف ثقافتي رنگ نکري پيا، فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ويو

ڪوريج لاءِ پريس ڪلب جي ٽيم کي علي اڪبر مگسي ۽ ٻين پاران اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

دڙو: حضرت سيد نوح بادشاهه جي ميلي ۾ پهلوان زورآزمائي ڪري رهيا آهن

دڙو (ن سنڌيار) دڙو پرسان صوفي بزرگ حضرت سيد نوح شاهه بخاري جي ميلو ثقافتي رنگن جي بهار، سنڌ جي مشهور ملهه پهلوانن وچ ۾ چوٽي جا مقابلا، ڏڳن جي ريس، هر طرف ثقافتي رنگ نکري پيا، فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 04

واڙي تڙ هميشه پيپلزپارٽي جو مضبوط قلعو رهيو آهي : نعمان اسلام شيخ

پاڪستان پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي، عوام هميشه پيپلزپارٽي جو ساٿ ڏنو آهي

عوام پاڻ ڏٺائي ته مهانگائي جو طوفان ڪنهن جي دور ۾ شروع ٿيو، اڳتي به خدمت ڪنداسين

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اعليٰ قيادت پاران پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ جتي جلسا منعقد ڪيا پيا وڃن، اتي علائقائي سطح تي به جلسن جو سلسلو جاري آهي، هن سلسلي ۾ واڙي تڙ ۾ پاڪستان پيپلز /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 05

ٿرپارڪر جي مختلف ڳوٺن ۾ ٻارڙن ۽ عورتن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا

ٽنڊو ڪوٽ (رپورٽ) هر سال جيان هن سال به فلاحي تنظيم زاهد حسن چهه ولفيئر فائونڊيشن پاران ٿرپارڪر جي مختلف ڳوٺن ۾ ٻارڙن ۽ عورتن ۾ گرم ڪپڙا ورهايا ويا، زاهد حسن چهه ولفيئر فائونڊيشن پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ فلاحي ڪم ڪري رهي آهي. تيار ٿيل کاڌو، پيئڻ جو صاف پاڻي، راشن، مچرداني، خيما ضرورت مندن تائين پهچائي رهي آهي. انهي جي /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 03

ڀرياسٽي پي ايس 33 تي جي ڊي اي اميدوار شڪيل خان جلباڻي جي شاندار انٽري

فقير بشير احمد ڪيريو جي ميزباني ۾ چونڊ مهم جي سلسلي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

پارٽي جا اميدوار سرڪاري مشينري استعمال ڪري رهيا آهن ووٽرن کي حيسايو پيو وڃي : شڪيل خان جلباڻي

مسلم ليگ نواز جي ڊي اي جو اتحاد آهي مان گڏيل اميدوار آهيان، ڪامياب ٿي عوام جي خدمت ڪندس

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڀرياسٽي پي ايس 33 تي جي ڊي اي اميدوار شڪيل خان جلباڻي جي شاندار انٽري جلسا منعقد ڪيا ويا وڏي تعداد ۾ عوام جي شرڪت شاندار استقبال ڳلن جي ورڪا، ڀرياسٽي پي ايس 33 جي ڊي اي اميدوار /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: پ پ اڳواڻ ڪونئل ڪارڪن گڏجاڻي ۾ ڳالهائي رهيا آهن

سکر جي اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، ڀارڙي علي اصغر منگريو سميت مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، ڀارڙي علي اصغر منگريو سميت مغوين کي بازياب نه ڪرائڻ خلاف پريا ڪماري رهائي ڪميٽي پاران احتجاجي تحريڪ سکر ۾ 109 ڏينهن به جاري رکي وئي جنهن جو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو آهي ڊاڪٽر نذير ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ سکر جي علائقي /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 02

پ پ غريب عوام جي پارٽي آهي : حاڪم علي جسڪاڻي

شهيد ڀٽو جي پارٽي سان ملڪ جو ٻچو ٻچو پيار ڪري ٿو 8 فيبروري جي صبح پ پ جو سوڀارو ڏينهن ثابت ٿيندو

مخالفين کي تاريخي شڪست ڏبي، عوام چارئي صوبي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ ٻچو ٻچو پيار ڪري ٿو

پاڪستان پيپلزپارٽي ڪراچي جي سنڌي وسندي علائقن ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ انشاالله [illegible]

ڪراچي (رپورٽ [illegible]) پ پ غريب عوام جي پارٽي آهي شهيد ڀٽو جي پارٽي سان ملڪ جو ٻچو ٻچو پيار ڪري ٿو 8 فيبروري جي صبح پ پ جو سوڀارو ڏينهن ثابت ٿيندو مخالفين کي تاريخي شڪست ڏبي اين اي 98 /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي: پ پ اڳواڻ ڪارڪنن جي گڏجاڻي سان خطاب ڪري رهيا آهن

سامارو جي علائقي يورل فارم جي رهواسي پروين سولنگي حيدرآباد پهتي

حيدرآباد (رپورٽ) [illegible] /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 07

دادو ۾ وڻڪاري مهم جي حوالي سان مهم شروع

توتن جا وڻ جمون جا وڻ پپيتي جا وڻ انبن جا وڻ ۽ ليمن جا وڻ رکيا ويا

باغ هڻڻ واري ڪاوش تي اسٽاف کي سلام ٿو پيش ڪيان : حب علي شاهه

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ استاد [illegible] خوشحال پاڪستان وڻڪاري مهم جي حوالي [illegible] /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 10

بدين کي پنهنجي وس آهر سماجي تبديلين لاءِ حصو وٺڻ گهرجي : سجاول پٽي

ادب ۾ جيسيتائين زندگي جي حقيقتن جو ذڪر ناهي ته اهو ادب رجعت پرست ادب آهي

[illegible]

سڪرنڊ (بيورو رپورٽ) ادب ۾ جيسيتائين زندگي [illegible] /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ڳوٺ ميوو خان چانڊيو جو رهواسي پاران احتجاج

پوليس اهلڪار منهنجي گهر تي چڙهائي ڪري [illegible] : نصير احمد

اهلڪارن خلاف نوٽيس وٺي انڪوائري ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ) [illegible] /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: ڳوٺ ميوو خان چانڊيو جو رهواسي احتجاج ڪري رهيو آهي

ننڍو ٽرڪول روڊ تي سوزڪي پڪ اپ جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، زال مڙس فوت

بس اسٽاپ حاجي سومار ابڙو ننڍو ٽرڪول روڊ تي تيز رفتار پڪ اپ سوزڪي جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو

موٽرسائيڪل تي سوار زال مڙس موقعي تي فوت، پٽ ۽ سوزوڪي سوار سميت چار ماڻهو سخت زخمي ٿي ويا

سوزوڪي ۾ سوار زخمي سمون ڪولهي ۽ ماروي ڪولهي کي انڊس اسپتال بدين ۾ داخل ڪيو ويو

بدين (رپورٽ منظور [illegible]) [illegible] /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 11

ڀرياسٽي تعلقه سميت تڪ جي مختلف ڳوٺن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون

مختلف برادرين پاران پ پ جي نامزد اميدوار سيد حسن علي شاهه جي حمايت جو اعلان

پ پ اليڪشن کٽيندي مرڪز سميت چئن صوبن ۾ حڪومت قائم ڪندي : حسن علي شاهه

پاڪستان پيپلز پارٽي نوشهروفيروز ضلعي مان ڪلين سوئيپ ڪندي، عوام جي خدمت ڪنداسين

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي پي ايس 33 جي نامزد اميدوار سيد حسن علي شاهه [illegible] شاهه چيو ته پيپلز پارٽي پوري ملڪ مان وڏي اڪثريت سان اليڪشن کٽيندي مرڪز سميت چئن صوبن ۾ حڪومت قائم ڪندي پيپلز پارٽي عوامي سياست تي يقين رکي ٿي منهنجي /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز: پ پ اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

بدين جي قومي تڪ اين اي 223 تي مختلف سياسي پارٽين پنهنجا اميدوار ميدان ۾ لاهي ڇڏيا

ڪڍڻ شهر ۽ ڀرپاسي واري علائقن ۾ بيٺل اميدوارن مان ڪير نه پهتو، پ پ اميدوار ۽ جي ڊي اي اميدوار ۾ چوٽي جو مقابلو

پ پ رسول بخش چانڊيو ۽ جي ڊي اي فهميده مرزا، تحريڪ انصاف عزيزالله ڏيرو کي سياسي ميدان ۾ لاهي ڇڏيو

بدين جي سڀ کان وڏي آبادي رکندڙ شهر ڪڍڻ ۽ ڀرپاسي واري ڳوٺن ۾ ڪو به سياسي ماڻهون نظر نه آيو

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) بدين ضلعي جي قومي تڪ اين اي 223 تي مختلف سياسي پارٽين پنهنجا اميدوار ميدان ۾ لاهي ڇڏيا ڪڍڻ شهر ۽ ڀرپاسي واري علائقن ۾ بيٺل اميدوارن مان ڪير نه پهتو پ پ اميدوار ۽ جي ڊي اي اميدوار /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 13

سکر پرسان ڪوسا ڳوٺ ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد

ڪوسا برادري جي معززين سميت سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي شرڪت

چونڊيل نمائندن ڳوٺ نهال خان ڪوسو کي مڪمل طور نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي : اڳواڻ

ڳوٺ ڪوسو بنيادي سهولتن کان محروم آهي ڪافي عرصي کان هتي ڪو به روڊ نه ٺهيو آهي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ڳوٺ نهال خان ڪوسو جي تڪ پي ايس 24 تان آزاد اميدوار سراج ڪوسو گڏريل ڏينهن ڪوسا ڳوٺ ۾ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي جنهن ۾ ڪوسا برادري جي معززين سميت سياسي ۽ سماجي شخصيتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته گذريل پندرهن سالن کان هتان جي چونڊيل نمائندن ڳوٺ نهال خان ڪوسو کي مڪمل طور نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي، اڄ به ڳوٺ نهال خان ڪوسو بنيادي سهولتن کان محروم آهي ڪافي عرصي کان هتي ڪو به روڊ نه ٺهيو نه ڊرينيج سسٽم ترقي ڳوٺ /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 14

سکر: ڪوسا ڳوٺ ۾ ڪوٺايل گڏجاڻي ۾ اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

شڪارپور ۾ اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ گڏجاڻي

اين اي 192 اميدوار مير شبير علي خان بجاراڻي پاران سنڌس پٽ پاران دورا

نامزد اميدوار پي ايس ست امتياز احمد شيخ، ديدار احمد چنو سان امڙ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ نامزد اميدوار پي ايس ست امتياز احمد شيخ ۽ اين اي 192 اميدوار /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 15

وارهه ۾ عوامي تحريڪ پاران بخش پليجي جي سالگرهه تقريب

رسول بخش پليجي سنڌ جي سياست کي نت نوان ڏڳ ۽ واٽون ڏنيون : اڳواڻ

ڌڻي جي ڳالهه ڪري ان جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙي هارين پورهيتن کي سياسي تعليم ڏني منظر ڪير

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ عوامي تحريڪ پاران قائد انقلاب رسول بخش پليجي جي 94 سالگرهه ملهائي اڳواڻن ڏنيون ويون، رسول /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 16

ڪوٽڙي ۾ غلام مصطفيٰ ڪوسو جي ميزباني ۾ آجياڻو

اهڙا پروگرام منعقد ڪرڻ جو مقصد هجڻ گهرجن : ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو

عمل ڪري پنهنجي آسپاس ۾ رهندڙن کي ڪم اچو ڪنهن کي به تڪليف نه ڏيو

ڄامشورو (رپورٽ) ڪوٽڙي ۾ نوجوان پوليس آفيسر ايس ايس پي بدين ڊاڪٽر مير روحل خان ڪوسو ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر DHO ڄامشورو /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو محمد خان پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري

ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي هدايتن تي منشيات فروشن جو پوليس گهيراءُ تنگ ڪري ڇڏيو

منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي، گرفتار جوابدارن مان ڪچو شراب ٺرو گٽڪو ۽ مين پڙي برآمد

سئو عدد مين پڙين سميت گرفتار ڪري گرفتار جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون جاري، ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي هدايتن تي منشيات فروشن جو گهيراءُ، ٽنڊو محمد خان پوليس ڪارروائي دوران ٽن منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي، گرفتار جوابدارن مان ڪچو شراب ٺرو گٽڪو ۽ مين پڙي برآمد، خبر موجب ايس ايس پي سيد سليم شاهه جي خصوصي /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 18

بدين جي قومي تڪ اين اي 223 تي مختلف سياسي پارٽين پنهنجا اميدوار ميدان ۾ لاهي ڇڏيا

ڪڍڻ شهر ۽ ڀرپاسي واري علائقن ۾ بيٺل اميدوارن مان ڪير نه پهتو، پ پ اميدوار ۽ جي ڊي اي اميدوار ۾ چوٽي جو مقابلو

پ پ رسول بخش چانڊيو ۽ جي ڊي اي فهميده مرزا، تحريڪ انصاف عزيزالله ڏيرو کي سياسي ميدان ۾ لاهي ڇڏيو

بدين جي سڀ کان وڏي آبادي رکندڙ شهر ڪڍڻ ۽ ڀرپاسي واري ڳوٺن ۾ ڪو به سياسي ماڻهون نظر نه آيو

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) بدين ضلعي جي قومي تڪ اين اي 223 تي مختلف سياسي پارٽين پنهنجا اميدوار ميدان ۾ لاهي ڇڏيا ڪڍڻ شهر ۽ ڀرپاسي واري علائقن ۾ بيٺل اميدوارن مان ڪير نه پهتو پ پ اميدوار ۽ جي ڊي اي اميدوار /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 19

سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا

پوليس خاموش تماشائي بڻجي وئي صحافين 160 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي

يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو

سنڌ ايڪشن ڪاميٽي پاران احتجاجي تحريڪ جي حوالي سان 25 جنوري پريس ڪلبن ٻاهران ملڪ گير احتجاجي بک هڙتال جو اعلان ڪيو ويو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا، پوليس خاموش تماشائي بڻجي وئي صحافين 160 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 24

سرحد پرسان ميلي تان واپس ويندي 3 ڄڻا اغوا

موٽرسائيڪل ۽ سامان لاوارث حالت ۾ هٿ، وارث پيرو ڪٽي ڪچي روانا

پوليس اطلاع باوجود ڪجهه نه ڪري سگهي، وارث سخت پريشان ٿي ويا

اطلاع جي باوجود سرحد پوليس ڪو به قدم نه کڻي سگهي آهي مغوين جي گهرڻ ۾ ڪهرام پئجي ويو

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد پرسان ميلي تان واپس ويندي 3 ڄڻا اغوا، موٽرسائيڪل ۽ سامان لاوارث حالت ۾ هٿ، وارث پيرو کڻي ڪچي روانا، پوليس اطلاع باوجود ڪجهه نه ڪري سگهي، خبر موجب سرحد پرسان جهانپور شريف مان صوفي بزرگ انورشاهه بخاري جي ميلي تان واپس ويندي ڳوٺ سائونڻ ملهڻ واسي ٽي نوجوان آصف علي ولد اسماعيل ملهڻ، قدير ولد نصير احمد ملهڻ ادريس ولد غلام نبي ملهڻ مبينه طور تي اغوا ٿي ويا آهن جن جي موٽرسائيڪل ۽ سامان رستي مان لاوارث حالت ۾ هٿ آيا آهن واقعي جو /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 20

سرحد: انورشاهه جي ميلي تان اغوا ٿي ويل نوجوانن جا فائل فوٽو

پي ايس 61 ٽنڊوڄام ۾ آزاد اميدوارن چونڊ سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون

شهر جي مين ڦاٽڪ تي پي ايس 61 جي آزاد اميدوار شيراز پٽي پاران جلسو منعقد ڪيو ويو

جلسي ۾ عمير پٽي، احمد شيخ خادم چانڊيو، رشيد خاصخيلي، ڪامران ميتلو ۽ ٻين جي شرڪت

ٽنڊوڄام (رپورٽ) اليڪشن ڪميشن پاران اميدوارن کي چونڊ نشان ڏيڻ بعد پي ايس 61 ٽنڊوڄام ۾ آزاد اميدوارن به چونڊ سرگرميون تيز ڪري /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 21

عوامي تحريڪ تعلقه جهڏو جو اجلاس، اڳواڻن جي شرڪت

اڄ جي سنڌ جي ماڻهن ۾ سجاڳي جي لهر پيدا ٿي آهي : اڳواڻ

رسول بخش پليجي جو ملڪ ۽ سنڌي قوم لاءِ گهڻو پورهيو شامل آهي

جهڏو (رپورٽ) عوامي تحريڪ تعلقه جهڏو جو اجلاس ۽ قائد انقلاب رسول بخش پليجي جي 94 هين سالگرهه جي تقريب تعلقه صدر ايڊووڪيٽ /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 22

جهڏو: رسول بخش پليجي جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ دانشور رسول بخش پليجو جي 94 هين سالگرهه

تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽي سنڌس انقلابي جدوجهد تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

ڪارڪن قائد جي مشن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ آخري پساهه تائين جدوجهد جاري رکندا : اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ عوامي تحريڪ جي باني عظيم ڏاهي دانشور رسول بخش پليجو جي 94 هين سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽي /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز ۾ خالد سوسائٽي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

50 سال پراڻو پاڪستان پيپلز پارٽي جو جيالو آهيان ان سان گڏ ورڪ ڪاميٽي ضلعي ۽ تعلقه ميمبر به رهي چڪو آهيان : غلام نبي تنيو

افسوس سان ٿو چوڻو پوي ته مونکي سدائين نظرانداز ڪيو ويو آهي، مرحوم عبدالحق پرٽ سان به گڏ رهي چڪو آهيان

بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف زرداري کان ته منهنجي مالي مدد ڪئي وڃي جيئن مان پنهنجي ٽنگ ٺهرائي سگهان

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز خالد سوسائٽي جو رهواسين غلام نبي تنيو سليم ميمڻ، چٽل ميمڻ اعجاز تنيو راجا صدام حسين تنيو احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته مان 50 سال پراڻو پاڪستان پيپلز پارٽي جو جيالو آهيان ان سان گڏ ورڪ ڪاميٽي ضلعي ۽ تعلقه ميمبر به رهي چڪو آهيان پر افسوس سان ٿو چوڻو پوي ته مونکي سدائين نظرانداز ڪيو ويو آهي مان اڳوڻي ايم پي اي ممتاز چانڊيو ضياالحسن ۽ عبدالحق پرٽ سان به گڏ رهي چڪو آهيان جڏهن ته مونکي خبر پئي ته 18 جنوري تي پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: خالد سوسائٽي جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ جي مزاحمتي قومي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي سالگرهه

سنڌي ادب جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ شاعري جو هڪ الڳ مقام رهيو آهي، صدين کان سنڌ جي شاعرن سنڌي ادب کي اعليٰ مقام ڏئي شاعري کي نرالو روپ ڏنو آهي : اڳواڻ

ابراهيم منشي به انهن وڏن مهان شاعرن مان هڪ شاعر آهي جنهن جي شاعري سنڌ لاءِ وڏو اثاثو آهي، ابراهيم منشي سنڌ جو اهڙو اڏول قومي انقلابي شاعر هو

شاعري سان گڏ جهرجهنگ ۾ جي گائيڪي ذريعي سنڌ جي هاري مزدور پورهيت شاگرد، هيٺين وچولي طبقي ۾ عوامي شعور بيدار ڪيس سندس شاعري سنڌ جي لاءِ اهڙو انمول تحفو آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ : د ر) علم ۽ ادب اڪيڊمي پاران ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ جي مزاحمتي قومي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي 90 هين سالگرهه تي سندس سنڌ سان ڪيل عشق طور شاعري گائيڪي تي ڪيس سنڌ جو انمول /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 25

ٽنڊو محمد خان مان گم ٿي ويل پورهيت زاهد حسين شيدي جي گهرواري پاران احتجاج

رهائشي ڪالوني ۾ چوڪيداري ڪندڙ 35 سالا پورهيت زاهد حسين شيدي 3 مهينن کان پراسرار طور گم ٿي ويو

گهرواري 3 مهينن کان علائقي جي بااثر شخص ديدار خواجه وٽ بنگلي تي چوڪيداري ڪندي پراسرار طور گم ٿي ويو آهي : زال

منهنجو مڙس بازياب ڪرائي نه ڏنو ويو ته مجبور ٿي پنهنجو پاڻ کي ٻارن سميت باهه ڏئي آپگهات ڪندس

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان مان گم ٿي ويل پورهيت زاهد حسين شيدي جي گهرواري مسمات شاهين پنهنجي ٻارن سان گڏ مڙس جي بازياب نه ٿيڻ تي پاڻ ساڙڻ جو ڄتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي، خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر جي مين بس /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 27

ٽانڊو بولا خان ۾ مفت اکين جي ٻن ڏينهن واري ڪيمپ لڳائي وئي

ڪوهستان سميت اندروني سنڌ جي مختلف علائقن کان آيل 640 مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو

220 مريض آپريشن جي لاءِ فلٽر ڪيا ويا. 120 مريضن جو آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا

ٿاڻي بولاخان (رپورٽ) ٿاڻي بولاخان ۾ هر سال جيان ڪيسناڻي پريوار پاران سرگواسي درياءُ مل ڪيسناڻي جي ياد ۾ هن سال به مفت اکين جي ٻن ڏينهن /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 30

دادو جي سماجي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جي اڳواڻن سان ورڪشاپ

ورڪشاپ ۾ ٻوڏ بعد موجوده صورتحال ۾ مختلف تعلقن ۾ پيش ايندڙ عورتن جي مسئلن تي تفصيلي ڳالهايو ويو

فلڊ ريڪوري پروگرام ۽ جي بي وي تي تفصيلي آگاهي ڏيندي تمام شريڪ تنظيمن جي کهڙي ريٽ ريفرل ڊائريڪٽري ٺاهڻي آهي : اڳواڻ

ورڪشاپ ۾ سماجي جي اڳواڻن محمد بخش ڪورائي، حميد سميجو، بلقيس عباسي، ياسر ارفات، محمود ٻير، نياز چانڊيو ۽ ٻين جي شرڪت

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ هلال حمر پاڪستان پاران آءِ ايف آر سي جي تعاون سان فلڊ ريڪوري پروگرام تحت جنسي تشدد جي روڪ ٿام ۽ ان تي خدمتون ڏيندڙ ضلع دادو جي سماجي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جي اڳواڻن سان ورڪشاپ ڪوٺايو ويو ورڪشاپ ۾ ٻوڏ بعد موجوده صورتحال ۾ مختلف تعلقن ۾ پيش ايندڙ عورتن جي مسئلن تي تفصيلي ڳالهايو ويو جنهن ۾ غور فڪر ڳالهه رکي وئي ته فيلڊ ۾ پيش ايندڙ عورتن سان انهن جي غير حفاظتي عمل جنسي تشدد انهن جي حقن جي لتاڙ تي انهن جي قانوني مدد لاءِ لاڳاپيل ادارن تائين /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 26

دادو: پاڪستان ريڊ ڪريسنٽ پاران منعقد اجلاس جو ڏيک

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي هفتيوار دستوري ادبي ويهڪ

مسلسل اهڙي قسم جون شاندار ادبي ويهڪون منعقد ڪرائڻ تي شاخ جا سمورا دوست ڀيرون لهڻن : اڳواڻ

روايتي طور وقتي صدر ماما غلام نبي "شاعر" خاصخيلي کي گلن جو هار پارايو ۽ هن شاخ جي مالياتي رپورٽ پيش

هفتيوار ادبي ويهڪ جي ڪارروائي شاخ جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري روايتي طور شاهه لطيف جي ڪلام سان شروع ڪئي وئي

ٽنڊو محمد خان (د ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي هفتيوار دستوري ادبي ويهڪ ماما غلام نبي "شاعر" خاصخيلي جي صدارت ۾ ٿي گذري. ادبي ويهڪ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا "نظم"، شرف نظاماڻي "آزاد نظم"، اعظم پٽي "نثري نظم"، گل خاصخيلي "مزاحيه ڪالم"، رمضان لغاري "نظم"، جان محمد لغاري "گيت"، فضل لغاري "گيت" پڙهيو سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري، اعجاز علي جسڪاڻي، عاشق علي ڳاهو، پير ماجد جان /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان: سنڌي ادبي سنگت شاخ جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

مٺي ۾ "جنرل اليڪشن 2024 چونڊون ۽ ٿر جا مسئلا" بابت ڊائلاگ پروگرام منعقد

سياسي ڊائلاگ ۾ ٿر جي مختلف تڪن جي عوامي تحريڪ جي اميدوار اوڀايو جوڳيجو ۽ آزاد اميدوارن انجنيئر ولي محمد راهمون ۽ ٻين جي شرڪت

شاهوڪار ٿر کي ڏڪرزدهه ڪيو ويو آهي ٿر جي زمين، ماحوليات پاڻي سميت بنيادي مسئلا تعليم، صحت ۽ ٻين سهولتن کان محروم بڻايل آهي : اڳواڻ

ٿر ۾ بهتر تعليمي ادارن جي ضرورت آهي جيڪي به اميدوار منشور جو حصو رکن، ٿرڪول ۾ ڌارين آبادڪاري جي زمين جو استعمال روڪ ڏئي پيو

مٺي (رپورٽ صادق بجير) مٺي ۾ ٿر سٽيزن فورم پاران بينظير ڪلچرل ڪامپليڪس ۾ ٿر ۾ قومي ۽ چئن صوبائي اسيمبلين جي تڪن تي بيٺل اميدوارن کان چونڊ منشور بابت "جنرل اليڪشن 2024 چونڊون ۽ ٿر جا مسئلا" جي عنوان /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 32

چوهڙ جمالي : پ پ اميدوار محمد علي خان ملڪاڻي اليڪشن مهم جو باقاعدي آغاز ڪري ڇڏيو

اڳواڻن پاران جاتي ڪئمپ جو پڻ افتتاح ڪري شهيد فاضل راهو چوڪ تي پرچم ڪشائي ڪئي وئي

پ پ سرگرم اڳواڻ رئيس حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي، شفقت علي خان ملڪاڻي اظهر خان ملڪاڻي ۽ ٻين جي شرڪت

چوهڙجمالي (رپورٽ) پ پ ضلعي سجاول جي صدر (پي ايس 74) جي پ پ اميدوار محمد علي خان ملڪاڻي اليڪشن مهم جو باقاعدي آغاز /بقايا پوئين صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR

www.dailysindhyar.com

آچر 21 جنوري 2024ع

اهو رڳو ڏوهه ئي نه پر "ڏوهه" به آهي!

هونئن ته هن وقت اليڪشن جي موسم آهي. جيڪا سياستدانن جي واعدن جي موسم آهي. انهن ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ ثنا ۽ سٺيا، زرق برق ۽ چلڪڻا واعدا ڪري چڪا پيا آهن. پر هڪ ٻي به موسم آهي، ۽ اها آهي سنڌ جي نگران منتظمين طرفان ڪوتاهين، بدانتظامي ۽ جي اعترافن جي موسم. اڄ تازو ئي سنڌ جي وڏي وزير سنڌ ۾ امن امان جي خراب حالت جو اعتراف ڪندي آءِ جي سنڌ ۽ ڊي جي رينجرز کي خط لکي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هو ۽ امن امان جي حالتن ۾ ترت بهتري جي هدايتون ڪيون هيون ته ٻي هائي جي سرڪاري رپورٽ ۾ سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ باٿ رومز نه هجڻ جو اعتراف ڪيو ويو آهي ۽ انگ اکر ضايع ڪيا ويا آهن ته ان ڪاسراءِ اها ڳالهه پڻ سامهون آئي آهي ته سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي ڊويزن ۾ 1916 سرڪاري اسڪولن مان سنڌي ميڊيم اسڪولن جو تعداد رڳو 540 آهي. جيڪو ڪراچي ڊويزن جي ڪل سرڪاري اسڪولن جو صرف 28.1 سيڪڙو بيهي ٿو سال 19_2018ع جي مانيٽرنگ ۽ ڪراچي ڊويزن جي سرڪاري اسڪولن جو تعداد 3036 ڄاڻايو ويو هو. جڏهن ته 2023ع واري مانيٽرنگ رپورٽ ۾ اهو تعداد 1916 ظاهر ڪيو ويو آهي. 714 اسڪول گهٽ ڄاڻايا ويا آهن. سرڪاري اسڪولن جي تعداد گهٽجڻ واري معاملي پڻ ڪيترن ئي سوالن کي جنم ڏنو آهي.

سنڌ ۾ تعليم جي سرڪاري شعبي کي هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي ته جيئن خانگي شعبي کي وڌڻ ويجهڻ جا موقعا ۽ منافعي جا ميدان فراهم ٿي سگهن. هڪ ئي جماعت جي ڏيڍ ڏهاڪي جي حُڪمرانيءَ دوران سنڌ جي تعليم تباهيءَ جي تحت الثريٰ ۾ وڃي پهتي آهي. توڙي جو گفتار جا غازي منتري ۽ مها منتري دعوائن سان گڏ قوم کي دولاب ڏيندا رهيا پر خود سرڪاري رپورٽن مان به تعليم جي ترقيءَ وارين سرڪاري دعوائن جي تصديق نٿي ٿئي! ان ڪارڪردگيءَ کي ڀلا ڪهڙو نالو ڏجي جو سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ ٻارڙن کي نه پيئڻ جو صاف پاڻي ميسر هجي ۽ نه ئي وري باٿ رومز جي سهولت هجي! ايتريقدر جو سنڌ جي نياڻين جي اسڪولن ۾ به باٿ رومز نه آهن. ڳالهه صرف پيئڻ جي صاف پاڻيءَ ۽ باٿ رومز تائين محدود نه آهي. اسڪولن جي وڏي تعداد کي چوديواري به نه آهي. نه ئي وري فرنيچر جي سهولت آهي. تازو ئي اهو انڪشاف به ٿيو هو ته. سنڌ جا 32 سيڪڙو ٻارڙا پٽ تي ويهي تعليم پرائين ٿا. پيو ته نهيو پروڏي تعداد ۾ اهڙا اسڪول آهن. جن جون عمارتون ئي نه آهن. جڏهن اسڪولن ۾ شاگردن کي بنيادي سهولتون ئي ميسر نه هجن. اسڪول ٻارڙن لاءِ قيد خانا بڻيل هجن. اتي ڪهڙي تعليم جو تصور ڪري سگهجي ٿو! اتي تعليم جو ڪهڙو معيار هوندو؟ انهن اسڪولن مان ڪهڙا قوم جا معمار پيدا ٿي سگهندا؟ هن ڇتا پيٽيءَ واري تيز ترين دور ۾ اسان ڪٿي بيٺل آهيون؟ تعليم ڪاتي جي بجيٽ ڪٿي ٿي خرچ ٿئي؟ سنڌ جي تعليم ان حالت تي پهچڻ لاءِ ڪير ذميوار آهي؟ دنيا جا ملڪ پنهنجن سماجن تي سيڙپ تعليم جي صورت ۾ ڪندا آهن. اسان جي سماج تي ڪهڙي سيڙپ ڪئي وئي آهي؟ اهم ڳالهه اها آهي ته سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۾ سنڌي ميڊيم اسڪولن جو تعداد ٻنهه گهٽ آهي. اسڪول گهٽ هجڻ ڪري، سنڌي ٻارڙا به اردو ميڊيم اسڪولن ۾ تعليم پرائڻ لاءِ مجبور آهن. خانگي شعبي کي ورسائڻ لاءِ تعليم جو سرڪاري شعبو تباهه ڪرڻ ڏوهه ته آهي ئي پر هي ته قوم سان دوهه آهي.

سنڌ جي تعليم جو قتل آهي. ان قتل جي ايف آءِ آر ڪنهن تي ڪٽرائجي؟ انهن تي، جيڪي "سنڌ وطن" واري شعلا بياني ڪري سنڌ جي تعليم جا ترا ڪڍي ويا. يا وري انهن وٽ ماسترن واري منصب تي، سڪا رائج الوقت عيوض اٿيڙهيل به اگهامي ويا؟ سنڌ جي تعليم جي تباهيءَ جي ذميوارن تي ان "دوهه" جي فرد جرم لاڳو ٿيڻ گهرجي. سنڌ جي سرڪاري شعبي جي تعليم سان ٿيل ايڏي ظلم جو احتساب ٿيڻ گهرجي. صرف اعتراف ئي ڪافي ناهي!

پاڪ _ ايران ڇڪتاڻ ۽ ڪجهه سوال

جاويد حيدر سيد

پاڪستاني حدن ۾ گذريل ڏينهن واري ايراني ڪارروائي ڪانپوءِ سخت سفارتي رد عمل جو مظاهرو ڪندي پاڪستان نه صرف ايران مان پنهنجو سفير واپس گهرائي ورتو آهي پر اسلام آباد ۾ مقرر ايراني سفير کي به ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏيئي ڇڏيو. گذريل ڏينهن واري ان سخت ترين سفارتي قدم ڪانپوءِ خميس جي صبح جو پاڪستان ايراني صوبي سيستان ۾ بندش پيل بلوچ تنظيمن بي ايل اي ۽ بي ايل ايف جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو. خميس واري ڏينهن صبح جو پاڪستان طرفان ايراني حدن ۾ ٿيندڙ ڪارروائي کي "مرگ بر سرمچار" آپريشن جو نالو ڏنو ويو پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ مطابق: گذريل ڪجهه عرصي کان دهشتگردن جي گروهن جيڪي پاڻ کي بلوچ سرمچار سڏرائين ٿا، ايران ۾ ٺڪاڻا ناهي ورتا آهن. دهشتگردن جي انهن محفوظ ٺڪاڻن جي باري ۾ پنهنجي تحفظات کان ايراني حڪومت کي مسلسل آگاهي ڏني ويندي رهي. خميس واري ڏينهن صبح جو انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جي نتيجي ۾ ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا آهن. مختصر پريس بريفنگ ۾ پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ هو ته ان انتهائي پيچيده آپريشن کي ڪامياب بڻائڻ ۾ هٿياربند فوج جي پيشيوراڻي مهارت ڪم آئي. ايراني سڌ سماءَ جي ذريعن پاڪستاني ڪارروائي ۾ ستن ماڻهن جي مارجي وڃڻ جي خبر ڏني آهي. آءِ ايس پي آر جي حوالي سان آپريشن "مرگ بر سرمچار" جي خبر ڏيندڙ ڪجهه صحافين بي ايل اي ۽ بي ايل ايف جي ڪجهه سرمچارن جا نالا پڻ ڏنا آهن. جيڪي ان آپريشن ۾ مارجي ويا آهن.

گذريل روز ايران پاڪستاني بلوچستان جي علائقي پنجگور جي پسگردائيءَ ۾ جيڪو ميزائل حملو ڪيو هو، ان تي ايراني حڪومت جو موقف اهو آهي ته حملو ايران جاول بلوچن جي ٺڪاڻن تي ڪيو ويو. جيڪي ايراني نزاد بلوچ دهشتگرد تنظيم جيش العدل جي نالي سان ايران ۾ دهشتگرديءَ جي وارداتن ۾ ملوث هئا. ايراني ميزائل حملي ڪانپوءِ سفارتي لاڳاپن جي سطح گهٽ ڪرڻ، ٻنهي ملڪن ۾ طئي ٿيل دورن ۽ تقريبن ۾ شرڪت جي پروگرامن کي رد ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو. ياد رهي ته ايران اهڙوئي هڪ ميزائل حملو عراق تي پڻ ڪيو. جنهن جي خلاف عراق گڏيل قومن ۾ پنهنجي شڪايت درج ڪرائي آهي.

پاڪستاني حدن ۾ ايراني ميزائل حملي تي سڄي ملڪ مان عوامي رد عمل تمام شديد هو. سوشل ميڊيا جي مختلف سائيٽس تي ان حوالي سان غير سنجيدگي ۽ فرقيواراڻي تعصبات کي هوا ڏيڻ جون ڪوششون انتها کي پهچندي نظر آيون. يقينن اها صورتحال ڳڻتيءَ جوڳي آهي. البت ڪجهه حلقا اهو سوال ڪندي ضرور نظر اچن ٿا ته افغانستان مان آمريڪا ۽ نيٽو جي واپسيءَ ڪانپوءِ نهندڙ افغان عبوري حڪومت جي غير ذميواراڻي طرز عمل بندش پيل ٽي ٽي پي کي جديد هٿيارن ۽ گولي بارود جي فراهمي ۽ سرحد پار دراندازي لاءِ سهولتن جي نگرانيءَ لاءِ افغان عبوري حڪومت جي ذميوارن جي موقعي تي موجودگي (جيئن ته سرحد تي واڙ ڪاٽڻ جي مختلف موقعن تي انهن علائقن سان لاڳاپيل افغاني اختيار ڌڻي موقعي تي ڏنا ويا) ۽ بندش پيل ٽي ٽي پي ۽ ٻين دهشتگرد تنظيمن جي افغانستان جي حدن ۾ محفوظ ٺڪاڻن جي باري ۾ ٺوس انٽيليجنس معلومات باوجود جوابي ڪارروائي کان ڇو لنوايو پيو وڃي؟ ڇيو ته انهن واقعن جي ذميوار افغان عبوري حڪومت سان سفارتي لاڳاپن کي محدود سطح تي آڻڻ لاءِ اپاءُ ڇو نه ورتا ويا؟ توڙي جو ان سوال سان گذريل ڏينهن واري واقعي جي نه سنگيني گهٽ ٿئي ٿي ۽ نه ٿي وري سخت شروعاتي سفارتي رد عمل ڪانپوءِ ايراني حدن ۾ خميس واري ڏينهن جي صبح جو ڪيل جوابي ڪارروائي سان ڇڪتاڻ جي وڌڻ سان پيدا ٿيندڙ مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن آهي. اهڙي ريت ڪجهه بندش پيل تنظيمن جي هم خيال ماڻهن جو گذريل ڏينهن کان سوشل ميڊيا ذريعي فرقيواراڻي پروپيگنڊا به ڳڻتيءَ جوڳي آهي.

پاڪستان جي قومي سلامتي ۽ جاگرافي حدن تي موجود قومي موقف ۽ جذبات تي به رايا نه آهن. ايران جي ٽارگيٽ ميزائل حملي ۽ پاڪستان جي جوابي ڪارروائي تي ٻنهي ملڪن جو موقف پنهنجي جاءِ تي پر بنيادي اهميت جو سوال اهو آهي ته پاڪ_ ايران دوستي باهمي اعتماد، تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي لاڳاپن جو شاهڪار سمجهي ويندي هئي. پر اوچتو ڇا ٿيو جو ٻنهي پاڙيسري ملڪن ساڍن ستن ڏهاڪن جي سفارتي اعتماد کي تياڳي هڪٻئي جي علائقن ۾ ٽارگيٽڊ آپريشن ڪري ڇڏيا؟ ڇا اهو مناسب نه هو ته ٻئي ملڪ ان حوالي سان موجود پنهنجين پنهنجين شڪايتن کي گڏ ويهي ڏسن ها ۽ ان جو حل تلاش ڪن ها. اهڙي ريت بلوچ شدت پسند تنظيمن جي افغانستان ۽ ايران ۾ ٺڪاڻن ۽ ايران ۾ دهشتگردي جي ڪارروائين ۾ مصروف ڪجهه شدت پسند گروهن. جنداللہ، جيڪو جيش العدل جي نالي سان سرگرم آهي ۽ لشڪر جهنگوي العالمي جي محفوظ ٺڪاڻن ۽ انهن جي سهولتڪارن جي حوالي سان جيڪي ڳالهيون عوام ۾ بحث هيٺ آهن. انهن کان اک ٽيٽ ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي؟ خاص طور تي ان صورت ۾ جڏهن ان ڳالهه جون ٺوس شاهديون موجود هجن ته ايراني بلوچستان مان پاڪستاني بلوچستان ۽ ٻين علائقن جي ديني مدرسن ۾ پڙهڻ لاءِ ايندڙ ڪتابين جو بندش پيل شدت پسند تنظيمن سان رابطو ڪرائڻ ۾ مصروف فردن جي باري ۾ هر عام ۽ خاص ماڻهن کي آگاهي هجي. اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته ٻئي پاڙيسري ملڪ انٽيليجنس آپريشن بدران مسئلن جو حل گڏجي ويهي ڳولهين ها ته اهو وڌيڪ مناسب هجي ها انهن آپريشنز ڪانپوءِ جيڪي خطرا پيدا ٿي ويا آهن انهن کان اکيون ٻوٽي نٿيون سگهجن.

اسان سمجهون ٿا ته ايراني ميزائل حملي جي جواب ۾ پاڪستان سخت سفارتي قدمن ذريعي جيڪو جواب ڏنو هو، اهو درست ۽ بروقت هو. يقينن جوابي ٽارگيٽ آپريشن پاڪستان جو حق هو. جيڪو استعمال ڪيو ويو پر انهن حالتن ۾ جنهن اهم سوال تي ٿڌي دل سان ويچارڻ گهرجي سو اهو آهي ته ڪئي مستحڪم لاڳاپن وارا به پاڙيسري ملڪ ڪنهن ٽين قوت جي هٿان ٽريپ ته نه ٿي ويا آهن؟ اها ٽي قوت اها به ٿي سگهي ٿي، جيڪا پاڪستان ۾ 47 ارب ڊالرن جي سي پيڪ جي چيني منصوبي ۽ ايران ۾ چين جي 400 ارب ڊالرن جي وڏي چيني سيڙپڪاريءَ کي پنهنجي علائقائي ۽ عالمي مفادن لاءِ خطرو سمجهي ٿي؟

اها حقيقت آهي ته جيڪڏهن ذڪر ڪيل سوال جي روشنيءَ ۾ انهن ٻنهي واقعن جو تجزيو ڪيو وڃي ته ائين لڳي ٿو ته ايران کي باقاعده ٽريپ ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت جذبات ۽ ڪاوڙ ۾ پاڪستان به جوابي وار ڪري ڇڏيو. ظاهري طور تي ائين ٿو نظر اچي ته ايراني ميزائل حملي ڪانپوءِ شروعاتي طور تي سخت سفارتي رد عمل ۽ سفارتي درجو گهٽ ڪرڻ جي اثرائتي موٽ ڪانپوءِ پاڪستان کي عملي رد عمل ڏانهن نيو ويو

بهرحال ان ڳالهه لاءِ دعا ئي ڪري سگهجي ٿي ته ٻئي ملڪ هوش کان ڪم وٺن ۽ ان ڳالهه کي نظر ۾ رکن ته فلسطين جون موجوده ابتر حالتون. اسلامي دنيا ۾ ناخواندگي ۽ غربت جي خوفناڪ صورتحال ۾ مسلم امه جي جنهن اتحاد جي ضرورت آهي، تازن واقعن سان ان اتحاد کي سخت هاڃو رسيو آهي. اسان هٿ ٻڌي ادب سان اهو عرض ئي ڪري سگهون ٿا ته ايراني قيادت، خاص طور تي ايران جي دفاعي حڪمت عملين جي پاليسي ساز، پاسداران انقلاب فورس، بچاءَ واري وزارت، دفتر رهبر ايران جي اختيار ڌڻين کي بنا ڪنهن دير جي پنهنجن قدمن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي ته ان سان ايران کي ڪيترو فائدو پهتو ۽ ڪيترو نقصان ٿيو؟ ڇيو ته اسان پاڪستاني حڪومت جو ڌيان ڇڪائيندي ان ڳالهه جي نشاندهي ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا ته پنجگور واري تازي واقعي ۾ ايراني ميزائل حملي ڪانپوءِ سوشل ميڊيا تي جهڙي نموني ڪجهه بندش پيل شدت پسند تنظيمن ۽ سندن همدردن طرفان فرقي واريت کي هوا ڏني پئي وڃي. ان جو بنا دير جي نوٽيس ورتو وڃي ته جيئن امن ۽ انسانيت جا دشمن پنهنجي زبان درازين ۽ پروپيگنڊا ذريعي ڪنهن سانحي جي بريا ٿيڻ جي راهه هموار نه ڪري سگهن. اسان کي اميد آهي ته پاڪستان جي سلامتي ۽ قومي يڪجهتي جي پيش نظر اختيار ڌڻي انهن معروضات تي ڌيان ڏيندا. اهڙي ريت اسان پاڪستان جي ساڃهه وندن ۽ سنجيده سوچ رکندڙ ماڻهن کي به گذارش ڪنداسين ته اهي منفي ۽ زهريلي پروپيگنڊا ۾ مصروف عناصر جي سازشن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار موثر طريقي سان ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ حڪومت تي دٻاءُ وڌائين ته اها شرپسندن ۽ انهن جي سهولتڪارن اثرائتي ڪارروائي ڪري. ته جيئن اهي باهه ڏڪائي حالتن کي وڌيڪ خراب نه ڪري سگهن.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا؛
جانبَ! منهنجي جيءَ ۾ آزَر جا آنوا؛
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضن کي.

رسول بخش پليجو ، انقلابي سنگ تراش

ذوالفقار راڄپر

اوهان مان گهڻن ماڻهن کي قمبر شهر جي غيبي ديرو، شهدادڪوٽ روڊ تي قبرستان ۾ مارڪس جي محبوبه جهڙي [illegible] ... جي بغاوتن [illegible] ... فوجي عدالت [illegible] ... [illegible]

ان بغاوت واري احتجاج ۾ قمبر شهر جي شيخ ذات جي سرواڻ زاهدا شيخ ۽ ميتلو خاندان جون باغي عورتون ۽ ٻيون شاگردياڻيون به شامل هيون. قمبر جي پرڀر قبائل پرست دنيا جي بگڙيل ڪردار روضي چانڊيو، هاري حمزو چانڊيو، عبدالله چانڊيو، عبدالقدوس چانڊيو، صلاح چانڊيو ڪامريڊ منان چانڊيو، مصطفي چانڊيو، سرتاج چانڊيو ۽ ٺٽو، بدين، ٿر جي علائقن ۾ ممتاز نظاماڻي، فاطمه پليجو، حور پليجو، ڏاڏا قادر رانتو، ماما عارب ڪيڙانو، حڪيم هاليپوٽو، حسن علي ٻيڙ، وسند ٿري، ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ماما رسول بخش بروهي، نور باٿو ملاح، سنڌو ملاح، عمره سمون، ارباب آگاڻي وغيره وغيره جهڙن روسي چيني ويٽنامي انقلابي ڪردارن کي تراشڻ ۽ ناهڻ پويان سنڌ جي ڇهن ستن صدين جي تاريخ ۾ پيدا ٿيل هڪڙي غير معمولي تراڻي جديد سائنسي بنياد تي پيدا ٿيل مارڪس، اينگلس، لينن، ماٿوزي تنگ، هوچي منهه جي تسلسل عظيم انقلابي سماجي سائنسدان وطن دوست پورهيت اڳواڻ رسول بخش پليجو جي سنڌي پسمانده سماج جي تاريخي طور ماريل منجهيل ماڻهن منجهان انقلابي ڪردارن کي تراشڻ ۽ ناهڻ جو ڪمال آهي.

جيڪڏهن ڪنهن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ حمزو هاري جي تقرير ٻڌي هوندي يا ڊاڪٽر قاضي غفار جي انقلابي سرگرمين ۽ چانڊين ۾ ٻي باڪي سان هاري تحريڪ جي ڪيل سرگرمين. ذاتي قربانين جو مشاهدو ڪيو هوندو يا جن سکر کان ڪراچي تائين ٺٽهڻ اس ۾ سنڌ جي پاڻي تي پنجاب جي ڌاڙن ۽ ڪالاباغ ڊيم خلاف لانگ مارچ ۾ ڪيل پنڌ ۽ سنڌس ماسڪو ۾ ڪيل تقريرن کي ٻڌو هوندو، يا وري فاطمه پليجو جي پهرين ٻار جي پيدائش بعد سخت گرمي ۽ مڇرن ۾ ڳوٺن ۾ وڃي عورتن ۾ انقلابي ڪم ڪرڻ. ادي حور پليجو جي انقلابي پنڌن، ٿر جي پيل باگڙين، مينگهواڙن ۾ پيدا ٿيل انقلابي ٻارڙن، ٻارڙين، عورتن نوجوانن. ٻڌن جي لکار ڪندڙ ڪردارن جي تخليق ڪو اتفاقي عمل نه پر انهن جو هڪڙو خلقشهار رسول بخش پليجو ئي هو. جنهن جي اها به خواهش هئي ته ڪاش عوامي تحريڪ جي صدر ڪا عورت هجي ۽ اها به ڪا ميگهواڙ، ڀيل ۽ باگڙي هجي.

جيڪڏهن استاد محترم رسول بخش پليجو صاحب زنده هجي ها ته شايد ٿر جي مسڪين عورتن مان ڪو اهڙو ڪردار تراشي وڃي ها. جيڪڏهن سنڌي ادب ۾ سياسي انقلابي تحريڪ جي تعليم ۽ وابستگي هجي ها ته انهن ۽ اهڙن ٻين انقلابي قيادت ۽ تنظيمي جدوجهد دوران سنگ تراش ٿيل ڪردارن تي ڪو ميڪسم گورڪي جي ماءُ ۽ چيني ادب جي نوجوانن جو گيت جهڙو ناول، ويٽنامي ڪهاڻين، شاعري ۽ جي ماريا نه موت جهڙو عالمي ادب لکجي چڪو هجي ها. پر سنڌي ادب جي اکين ۾ اها طاقت پيدا نه ٿي سگهي جو اها انقلابي قيادت جي محنت سان تراشيل شهيد فاضل راهو جيجي زرينه بلوچ بدين جي ممتاز نظاماڻي ۽ قمبر جي قبرستان ۾ دفن ٿيل زاهدا شيخ ۽ قاضي غفار ۽ اهڙن ٻين ڪردارن تي ڪو ادب لکي سگهجي ها.

محترم رسول بخش پليجو صاحب جي اڄ 94 وين جنم ڏينهن جي موقعي تي هن جي ادب، علم، سياسي اڻ ٿڪ جدوجهد ۽ ڪاميابين، جدوجهد جي فن ۾ اڻ پڙهيل هارين، شاگردن، مزدورن، ٻارن ۽ عورتن کي هزارن ۽ لکن جي تعداد کي نئج عالمي سائنسي بنيادن تي جدوجهد جي ميدان ۾ آڻڻ هڪ وڏو ڪارنامو هو ۽ سنڌ جي عوام کي سنڌي چيانگ ڪائي شيخ ۽ وڏيرڪي جمهوريت جي بتن کي نظرياتي طور هيٺ پٽ تي ڪيرائڻ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي سماجي انقلابي ايجاد به اهم تاريخي ڪارنامو آهي. بختاور، ڪورٽ ڪهاڻيون، اڻڌا اونڌا ويڄ، واڻون ويهه ٿيون، سنڌي ذات هجن جهڙا ڪتاب، ڪميونسٽ پڌرنامو جي مهاڳ، عالمي سياست جي مضمونن ۽ سنڌ جي مضبوط پاڻي ڪيس تي ڪتاب تيار ڪرڻ يقينن هن واحد اڪيلي شخصيت جوئي اڪيلو ڪارنامو آهي.

پر اڄ هن جي جنم ڏينهن جي موقعي تي مان اها ڳالهه سمجهي آڏو رکي آهي ته استاد پليجو صاحب انساني انقلابي ڪردار ناهڻ وارو هڪ سنگ تراش به هو ۽ هن پنهنجي صحبت، علم، تربيت ۽ جدوجهد جي فن مان گذرندي پنهنجن ڪارڪنن جي جيڪا سنگ تراشي ڪئي، ان مٿين ذڪر ڪيل ۽ ذڪر ۾ نه آيل ڪردار تخليق ڪيا. انهن جي سنگ تراشي ۾ قاضي غفار کان وٺي شهيد فاضل راهو تائين مدد ۽ سهڪار به حاصل ڪيو. انهن جي سنڀال ۽ حفاظت به ڪئي ۽ سنڌ جي انقلابي جدوجهد ۾ انقلابي سنگ تراشي مان جڙيل مجسمن ۽ ڪردارن مان ڪي ڪائناتي قانونن موجب واٽ تي هلندي ڪري ۽ ڀري به پيا. پر رسول بخش پليجو انهن جي جاءِ تي پنهنجي عالمي انقلابي سائنسي واٽ تي هلندي ڪيترائي پائيدار هن وقت به اوهان کي نظر ايندڙ چرندڙ پرندڙ ڪردار نظر ايندا ته ڪي وري تاريخ جي ميوزم ۾ همت حوصلو ڏيندڙ ۽ ڪجهه رحم ۽ نفرت جوڳا ڪردار به موجود آهن. پر رسول بخش پليجو جي عظمت کي سلام پيش ڪجي ٿو ته هن نه رڳو سنڌ کي انقلابي سياسي ادب، انقلابي پارٽي ڏني پر هو پنهنجي انقلابي پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي انقلابي ڪردار تراشڻ جو فن به ڏئي ويو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ فقط رسول بخش پليجو جي ئي اڪيلي پارٽي آهي جيڪا سنڌ جي زمينن تي قبضن کان وٺي هر قومي حق تي آواز اٿاري پنهنجي قوم کي گڏ ڪري ٿي.

بقايا 01 ***

ته اسان جي اها مرضي نه هلندي ته اوهان کي ڄاڻ ڏيون يا نه ڏيون. ڄاڻ جو اوهان تائين پهچڻ اوهان جو حق ٻڌجي چڪو آهي. چيف جسٽس پاڪستان چيو ته مثبت روشني ڏيکارڻ سان ئي معاشرو تبديل ٿي سگهي ٿو. ڪورٽ رپورٽر عدالتي ڪاررواين جي ڄاڻ عوام تائين پهچڻ جو ذريعو آهي. شهري جي حيثيت سان ڪنهن به ڄاڻ کي حاصل ڪرڻ اوهان جو حق آهي. هن ٻڌايو ته آئين جي شق 19 ۾ آزاد صحافت جو ذڪر آهي. هڪ شهري تفصيل گهريا آهن ته اوهان جي عدالت ۾ ڪيترا ملازم آهن؟ شهري کي جواب نه مليو ته اهو ڪميشن هليو ويو. اسان پاڻ چونه عوام کي ٻڌايون ته اسان ڇا ڪري رهيا آهيون. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته اسان پنهنجو احتساب پاڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اسان عدليه جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سپريم ڪورٽ جي ته ماهي رپورٽ پيش ڪري رهيا آهيون. ته ماهي رپورٽ ۾ اهم فيصلن جو حوالو ڏنو ويو آهي. ته ماهي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته ڪيترا ڪيس داخل ٿيا ۽ ڪيترن ڪيسن جو فيصلو ٿيو. هن چيو ته عوام جي پئسن سان هلندڙ هر ادارو عوام جو آهي. عوام جي ٽيڪس سان هلندڙ هر اداري بابت ڄاڻ شهرين کي ملڻ گهرجي. اهم ڪيسز کي لائيو ڏيکاري رهيا آهيون ته جيئن شهري سمجهي سگهن ۽ سوال ڪري سگهن. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته ڄاڻ سان ئي احتساب جو عمل شروع ٿيندو آهي. هن چيو ته 4 سالن تائين فل ڪورٽ ميٽنگ نه ڪئي وئي. اسان جي ڪوشش آهي ته اسان گهٽ وقت ۾ وڌ کان وڌ ڪيسز ٻڌي اڪلايون. هن ٻڌايو ته اسان پاڻ کي احتساب جي لاءِ اوهان جي سامهون پيش ڪري ڇڏيو آهي. اسان سپريم ڪورٽ جي سامهون وارو حصو عوام جي لاءِ کولي رهيا آهيون. چيف جسٽس چيو ته صحافين کي دل جو حال ناهي ٻڌايو اميد آهي ته هاڻ مختلف خبرون نه ٺڪرنديون. صحافي اسان سان اتفاق ڪن يا نه ڪن اهو انهن جو حق آهي.

بقايا 02 ***

ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي. هن وقت ملڪ ۽ عوام مشڪل دور مان گذري رهيا آهن. دهشتگردي جو خطرو هڪ ڀيرو ٻيهر نظر اچي رهيو آهي. پاڪستان کي محنت ۽ خلوص سان معاشي بحران مان نڪري سگهون ٿا. هن چيو ته 10 نقاطي معاشي ايجنڊا تي عمل ڪري ئي غربت، بيروزگاري ۽ مهانگائي جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. باقي سياسي پارٽيون اشرافيه جي نمائندگي ڪن ٿيون. اميرن کي رليف ۽ غريبن کي تڪليفون ڏين ٿيون. 30 لک گهر ۽ 300 يونٽ مفت بجلي ڏيڻ جو واعدو پورو ڪري ڏيکاريندس. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ملڪ جي عورتن جي اهڙي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿو جيئن ڀٽ پنهنجي ماءُ جي ڪندو آهي. جيڪڏهن پيپلز پارٽي جي حڪومت آئي ته ڪسان ڪارڊ ذريعي مالي مدد ڪنداسين ۽ ڪسان ڪارڊ جي ذريعي قدرتي آفتن ۾ هارين جي مالي مدد ڪئي ويندي. ڪراچي ۾ دل جي سڀ کان وڏي اسپتال آهي. گمبٽ ۾ 100 سيڪڙو مفت ۽ معياري علاج فراهم ڪيون ٿا. هن چيو ته 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن ۾ به پارٽيون پاڻ ۾ مقابلو ڪري رهيون آهن. چوندا هئا ته پنجاب ۾ کير ۽ ماکي جا درياهه وهايا آهن. لاهور ۾ ته وڏا پيسا خرچ ٿيا آهن. سوچيم ته سڀ مسئلا حل ٿي ويا هوندا. جنهن تڪ مان مان اليڪشن وڙهي رهيو آهيان اتي صاف پاڻي ئي ناهي.

بقايا 03 ***

نواز جو لاهور ۾ ريليون ڪڍڻ جو پلان تيار ڪيو ويو آهي. ن ليگ قائد هڪ به ڏينهن ۾ لاهور جي مختلف تڪن ۾ ريليون ڪڍندو. ذريعن موجب نواز شريف ۽ مريم نواز ريلين دوران مختلف هنڌن تي خطاب به ڪندا.

بقايا 04 ***

مختلف شهرن مان انٽرنيٽ سروسز متاثر ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. واٽسپيدار فيس بُڪ، انسٽاگرام، يوٽيوب ۽ ايڪس سائيٽس تائين پهچ ۾ ڏکيائين ئي منهن ڏئي رهيا آهن. سوشل ميڊيا واپيدارن پهچ نه هجڻ جون شڪايتون ڪيون آهن پر پي ٽي اي طرفان ڪو بيان يا ڪارڻ سامهون ناهي آيو.

بقايا 05 ***

ظلم ۽ ڏاڍ ڪندڙن کي نه ڇڏينداسين. لوڌران ۾ جلسي کي خطاب ڪندي جهانگير ترين چيو ته مون کي رڳو عوام جي خدمت جو شوق آهي. ڏکڻ پنجاب کي مثالي بڻائينداسين. هن چيو ته ملڪ مضبوطي سان هلندو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿيندو. ايماندار ماڻهو مٿي ويندا ته معيشت ٺيڪ ٿيندي. معيشت مضبوط ٿيندي ته پاڪستان ترقي ڪندو. اسان جو منشور عوام دوست آهي.

بقايا 06 ***

آباد ۾ ورڪشاپ کي خطاب ڪندي جسٽس اطهر من الله چيو ته تنقيد ڪندڙ به جيڪڏهن ان ئي عدالت تي اعتماد ڪري ته اهو عدليا جو امتحان آهي. تنقيد هر ڪو ڪري پر عدليا تي اعتماد به ڪري. جڏهن ته سوشل ميڊيا جو اثر ججن تي نه ٿيڻ گهرجي. جج سوشل ميڊيا جو اثر وٺندو آهي ته هو پنهنجي حلف جي ڀڃڪڙي ڪندو آهي. هن چيو ته ٽيڪنالاجي جي دور ۾ رياستون اظهار جي آزادي کي ڪنٽرول نه ٿيون ڪري سگهن. اسان سچ کي دٻائيندي دٻائيندي هتي پهتاسين. جيڪڏهن عهد جي ڀڃڪڙي نه ٿئي ها ته پاڪستان 1971ع ۾ به ٽڪر نه ٿئي ها. ڇا اسان اڄ اصول تي بيٺا آهيون؟ هر هڪ کي پاڻ کان پڇڻ گهرجي ته اسان ڪهڙي پاسي وڃي رهيا آهيون. سنڌس چوڻ هو ته ڪنهن جو ڏوهه ثابت ٿيڻ کان ئي هتي ان کي سزا ڏني ويندي آهي. هڪ غريب مالي پڇيو ته حالتون ٺيڪ ٿي وينديون؟ مان مالي کان پڇيو ته توهان جي پرپاسي سچائي آهي؟ مالي چيو اڄڪلهه سچ جو دور ناهي پر سڀ جي سيني کي خبر آهي. جسٽس اطهر من الله چيو ته جڏهن 18هين ترميم جو معاملو اٿيو ته ڪيتريون ئي قوتون ان جون مخالف هيون. مون کان هڪ ڪورٽ رپورٽر پڇيو ته سپريم ڪورٽ 18هين ترميم تي ڇا ڪندي؟ مان چيو منهنجي راءِ آهي ته سپريم ڪورٽ کي ڪنهن آئيني ترميم کي نه ڇيڙڻ گهرجي. مان چيو هو ته 18هين ترميم جيڪڏهن ڪالعدم ٿي وئي ته استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس. خبر لڳي ته اطهر من الله عدالت کي ڌمڪي ڏئي ڇڏي.

بقايا 07 ***

ملير، ٺٽي ۽ سڄاول کي خط لکيو ويو آهي. خط ۾ آءِ جي جيل کي قيدين جا بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي انتظامن جي هدايت ڪئي وئي آهي. انسپيڪشن ميمبر موجب جيل اختياريون قيدين جا بيان رڪارڊ ڪرائڻ جا انتظام ڪن. جنهن لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان مدد وٺي سگهجي ٿي.

بقايا 08 ***

ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب پيپلز پارٽي جي اميدوار منظر عباس ڪوڪر جي پٽ جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس جي مدعي موجب نامعلوم ماڻهو پيٽرول سان ڀريل بوتلون ڪٺي آفيس تي حملو ڪيو. پيٽرول سان ڀريل بوتلون آفيس جي دروازن ۽ بينرز تي اڇلائي باهه ڏني وئي. هوڏانهن چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا لاهور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چونڊ آفيس تي حملي جو نوٽيس ورتو. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي شڪايت تي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته آءِ جي پنجاب کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ياد رهي ته گذريل رات لاهور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چونڊ آفيس تي نامعلوم هٿياربندن پيٽرول بم حملو ڪيو هو. جنهن دوران آفيس جي دروازي تي لڳل بينرز ۽ پينافليڪس سميت ٻيون شيون سڙي خاڪ ٿي ويون هيون.

بقايا 09 ***

ويون. بي بي آصفه ڀٽو زرداري، اين اي 230 تي پ پ اميدوار جي ڪارنر ميٽنگ ۾ فائرنگ دوران زخمي ٿيلن جي صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نياڻي بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي لاهور اين اي 127 جي صوبائي تڪ پي پي 162 جي چونڊ آفيس کي نشانو بڻائڻ بزدلاڻي حرڪت آهي. هن مطالبو ڪندي چيو ته لاهور پوليس جيالي اميدوار منظر عباس ڪوڪر جي اليڪشن آفيس کي پيٽرول بم سان نشانو بڻائڻ جو فوري طور ڪيس داخل ڪيو وڃي. اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نياڻي بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته پيپلز پارٽي جو چونڊ ميدان ۾ مقابلو ڪرڻ بدران ڪريل حرڪتن تي لهڻ اصل ۾ شڪست جو اعتراف آهي.

بقايا 10 ***

نعيم چيو ته ڪي اليڪٽرڪ ڪراچي جي عوام کي ڦريو آهي. هن چيو ته ڪي اليڪٽرڪ اين ٽي ڊي سي جو 62 ارب رپيا، ايس ايس جي سي 172 ارب رپيا قرضي آهي.

بقايا 11 ***

چاهي. سنڌس چوڻ هو ته آءِ پي پي سان ن ليگ سياسي اتحاد ڪيو آهي. ٽڪيٽون ناهن ڏنيون. ن ليگ اڳواڻ چيو ته نواز شريف وٽ ئي فارمولو آهي جيڪو مهانگائي کان ڇوٽڪارو ڏياريندو. سستي گيس، بجلي، روزگار ۽ امن جو فارمولو نواز شريف وٽ آهي. مريم اورنگزيب چيو ته مسلم ليگ نون ئي ملڪ کي مسئلن مان ٻاهر ڪڍي سگهي ٿي. ن ليگ اڳواڻ مريم اورنگزيب چيو ته اڄ عدالت ۾ پيش ٿيڻ تي ڪيس جج نه چيو ته گڏ ٿو سي يو. مريم اورنگزيب جو چوڻ هو ته ن ليگ دور ۾ نوجوانن کي ليپ ٽاپ مليا. بنا وياج تي قرض ڏنو ويو. سنڌس چوڻ هو ته عوام کي هميشه نواز شريف ڏکيائين مان ڪڍيو آهي. نواز شريف وٽ مهانگائي کان ڇوٽڪارو ڏيڻ جو فارمولو آهي. نواز شريف اقتدار ۾ آيو ته نوجوانن کي روزگار ملندو ۽ بيروزگاري ختم ٿيندي.

بقايا 12 ***

نه هئي. اسان جي فورسز ڀرپور جواب ڏنو. مسلم ليگ ن جي صدر جو اهو به چوڻ هو ته ايران ۽ پاڪستان ٻئي دهشتگرديءَ جو شڪار آهن پر اهو مسئلو ڳالهين ذريعي حل ٿي سگهي ٿو.

بقايا 13 ***

سزا يافته نواز شريف کي ڪليئر ڪيو ويو. منهنجي نااهلي خلاف اپيل ۽ انساني حقن لاءِ داخل پٽيشن کي نه پيو ٻڌو وڃي. اها ڪهڙي جمهوريت آهي. جنهن ۾ اسان جي اميدوارن کي گرفتار ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته هڪ مفرور کي اسان تي مڙهيو پيو وڃي. ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني ختم ٿي چڪي آهي پر اسان آخري ٻال تائين وڙهنداسين. جهڙي ريت چونڊون ڪرايون پيون وڃن. ان سان ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام وڌندو. ملڪ جو بيڙو ٻڏي ويندو. سنڌس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ ڇڏيندڙ پنهنجو سياسي مستقبل ختم ڪري ڇڏيندو. پي ٽي آءِ وٽ ووٽ بينڪ آهي. تنهن ڪري اسٽيبلشمينٽ کان اها پارٽي نه پئي ٽٽي. چونڊون ختم ٿينديون ته ماڻهو پي ٽي آءِ ڏانهن ايندا.

بقايا 14 ***

تي ٽيڪس وصولي جي شرح هيٺ ٿي وئي. 2021 ۾ بجلي صارفين کان 345 ارب کان وڌيڪ ٽيڪس وصوليون ڪيون ويون. 2022 ۾ انهي مد ۾ 461 ارب ۽ 2023 ۾ 603 ارب روپين کان وڌيڪ ٽيڪس ورتا ويا. انگن اکرن موجب ٽيڪس وصولي بجلي جي اصل قيمت کان ڌار آهي. پي ٽي وي فيس جي مد ۾ 25 ارب 70 ڪروڙ. انڪم ٽيڪس جي مد ۾ 180 ارب کان وڌيڪ وصوليون ڪيون ويون. صارفين اصافي ٽيڪس جي مد ۾ 89 ارب 69 ڪروڙ روپيه ادا ڪيا.

بقايا 15 ***

معاشي بهتري لاءِ جولاءِ کان سيپٽمبر تائين سمورا هدف حاصل ڪيا. پاڪستان ۾ توانائي شعبي ۾ سڌارن جي ضرورت آهي. بجلي جي پيداواري لاڳت وڌيڪ آهي. آءِ ايم ايف رپورٽ موجب پاڪستان ۾ زرعي شعبو 5.1 سيڪڙو جي شرح سان ترقي ڪري رهيو آهي پر صنعتي شعبو ڏکيائين ۾ آهي ۽ صنعتي شعبي جي اوسر جي شرح رڳو 2.5 سيڪڙو آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان ڊالر جي سمگلنگ جي روڪٿام لاءِ قدم کنيا. مئي 2023 ۾ مهانگائي جي شرح 36 سيڪڙو هئي. جيڪا آڪٽوبر 2023 ۾ 26.8 رهي. آءِ ايم ايف رپورٽ موجب هلندڙ مالي سال پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح 2 سيڪڙو ۽ بيروزگاري جي شرح 8 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي. رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته گذريل مالي سال پاڪستان ۾ بيروزگاري جي شرح 8.5 سيڪڙو هئي. هلندڙ مالي سال اوڳاڙيون ۽ گرانٽس جي ڊي پي جو 12.5 سيڪڙو رهي سگهن ٿيون.

بقايا 16 ***

جي لاءِ آئي پي او سمٽ 2024ع تقريب کي خطاب ڪندي نگران ناڻي بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر چيو ته چيلنجز جي باوجود اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ اصلاحات آنديون. هلندڙ مالي سال زرعي ترقي جي شرح 5 سيڪڙو کان وڌيڪ رهندي. جڏهن ته صنعتي ترقي 2 سيڪڙو کان وڌيڪ رهندي. وڌيڪ وياج جي شرح ۾ ڪيپيٽل مارڪيٽ بهتر پرفارم نٿي ڪري سگهي. ڊاڪٽر شمشاد اختر چيو ته ملڪ جي معيشت جي صورتحال بهتر ٿي رهي آهي. آءِ ايم ايف جي ٻئي قسط سان اسٽيٽ بينڪ جا ذخيرا 9.10 ارب ڊالر ٿي ويا آهن. ٻاهرين سرمائيڪاري جي بنياد رکي رهيا آهيون. رڪارڊ مهانگائي عالمي سطح تي ڏٺي وئي. عالمي حالتون اسان جي مارڪيٽ تي اثرانداز ٿيون آهن. اسان جي بينڪن جي قرضن جي فنانسنگ جي مائينڊ سيٽ مان نڪرڻو پوندو اسان کي ڪيپيٽل مارڪيٽ، شفافيت، ايشورز ۽ سرمائيڪارن جو جائزو وٺندا آهيون. هن چيو ته ايف بي آر جا اسٽرڪچرنگ کان 10 ٽريلين روپيه حاصل ڪري وٺنداسين. معيشت تي پروسو بحال ڪرڻ جي پاليسي جا ثمر حاصل ٿي رهيا آهن. اسان کي وياج جي شرح تي اڇٽو پوندو. حڪومتي آمدني 10 هزار ارب روپيه رهندي. ڪيپيٽل مارڪيٽ سخت وياج جي شرح تي ترقي نٿي ڪري سگهي. بينڪ مان قرض ڪٽي ڪاروبار ڪرڻ جي سوچ مان نڪرڻو پوندو. نگران وفاقي وزير چيو ته سرمائيڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ بينڪنگ سيڪٽر تي ڀاڙڻ واري پاليسي کي گهٽ ڪرڻو پوندو هن وقت اسٽاڪ مارڪيٽ جي سرمائي کي حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. 15 سالن ۾ پهريون ڀيرو 2023 ۾ صرف هڪ آئي پي او ٿيو آهي جنهن سان ڪمپني اسٽاڪ مارڪيٽ ذريعي 435 ملين روپين جي سرمائيڪاري حاصل ڪئي آهي. هن چيو ته سرمائيڪارن جو انگ وڌائڻ جي ضرورت آهي. هن وقت 2 لک انويسٽرز آهن تي بلزايلڊ جو پاليسي ريٽ کان گهٽ ٿيڻ خوشي جوڳو آهي. اسٽيٽ بينڪ اختيارين جي به سوچ آهي ته وياج جي شرح گهٽ هجڻ گهرجي. وياج جي شرح ۾ گهٽتائي جو تعلق مهانگائي جي شرح سان آهي.

بقايا 17 ***

دوران هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو. جوابدار سيد مهدي هاءِ ويليو ٽارگيٽ جي ريڪي ڪرڻ ڪانپوءِ ان جي انفارميشن پنهنجي گروپ کي ڏيندو هو. ان انفارميشن جي بنياد تي گينگ جا ميمبر ٽارگيٽ ڪلنگ ڪندا هئا. سي ٽي ڊي انچارج ٻڌايو ته جوابدار جو گروهه مفتي تقي عثماني تي حملي ۾ ملوث رهيو آهي. گرفتار جوابدار گروهه لاءِ هٿيار گهر ۾ رکڻ ۽ ضرورت پوڻ تي پهچ جو ڪم ڪندو آهي. ڪائنس وڌيڪ ڇپا ڳاڇا جاري آهي.

بقايا 18 ***

جي وڪالت ڪندو. وڪيل لطيف کوسا ۽ شهباز کوسا پي ٽي آءِ باني خلاف 190 ملين پائونڊ ڪيس کان ڌار ٿي ويا. لطيف کوسا ۽ ٽيم چونڊن ۾ مصروفيتن سبب پاڻ کي ڪيس کان ڌار ڪيو. لطيف کوسا عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي لاءِ پي ٽي آءِ اميدوار آهي. ڪيس ۾ لطيف کوسا جي جاءِ تي علي ظفر پي ٽي آءِ باني جي وڪالت ڪندو

بقايا 19 ***

چوان ٿو ته هاڻ پ پ حڪومت ناهيندي. وزيراعظم بلاول هوندو پر جيڪڏهن ن ليگ مان ڪو وزيراعظم ٿيو ته مريم نواز يا شهباز شريف ٿيندو. مستقبل بلاول، مريم ۽ شهباز جو آهي. سنڌس چوڻ هو ته پ پ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مضبوط آهي. خيبر پختونخواهه ۽ پنجاب ۾ به پ پ کي اڪثريت ملندي. ٻيٽ وارا آزاد آهن ۽ اهي بلاول کي ووٽ ڏيندا. جڏهن ته ڪجهه به ٿئي عام چونڊون ملتوي نه ٿينديون.

بقايا 20 ***

جي حوالي سان حڪم نامو اسلام آباد جي احتساب عدالت ون جي جج محمد بشير جاري ڪيو. ضبط ڪيل ملڪيت ۾ بئنڪ اڪائونٽ، ايراضي، گاڏيون ۽ ٽريڪٽر شامل آهن. ضبط ڪيل ايراضي تي بحريا ٽائون جون آفيسون به قائم آهن. ان حوالي سان نيب، ايڪسائز آفيس ۽ بئنڪن کي هدايتون جاري ڪيون ويون. واضح رهي ته 6 جنوري کان ملڪ رياض ۽ سندس پٽ اشتهاري قرار ڏنا ويا آهن.

بقايا 21 ***

آهي. شهر جو گهٽ کان گهٽ گرمي پد 13 کان 15 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته شهر ۾ اتر اولهه ۽ مغرب کان به هوائون هلنديون رهنديون. ٻئي پاسي بلوچستان جي مختلف شهرن ۾ ڪنوڻ سان برسات کان پوءِ موسم ٿڌو ٿي ويو. موسميات کاتي موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران سڀني کان وڌيڪ ٿڌ اسڪردو ۾ پئي جتي پارو ڪاٽو 9 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو ان کان علاوه وفاقي گادي وارو شهر اسلام آباد ڪوهيڙي جي لپيٽ ۾ رهيو جنهن سان فلائيٽ شيڊول متاثر ٿي رهيو آهي. اسلام آباد جي لاءِ 3 اڏامون ڪراچي ۽ لاهور ۾ لاٿيون ويون.

بقايا 22 ***

رهيون آهن. پاڪ_ ايران ڇڪتاڻ سبب پاڪستاني حدن مان گذرندڙ اڏامن جو انگ روز 400 تائين اچي ويو هو واضح رهي ته اڏامون پاڪستاني حدن مان گذرڻ سبب سول ايوي ايشن اٿارٽي کي وڏي آمدني ٿيندي آهي.

بقايا 23 ***

جي سول اسپتال جي دوري جي موقعي تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو ته سول اسپتال ۾ هڪ بستري تي 3 ٻار رکيل آهن. علاج هيٺ ٻارن جا گهر ڀاتي فوٽ پاٿ تي مجبوري واري حالت ۾ ستل نظر آيا. هن چيو ته چونڊون ويجهيون آهن سموريون پارٽيون دعويٰ ڪري رهيون آهن. ڪراچي جي سمورين سرڪارين اسپتالن جي حالت تمام گهڻي خراب آهي. ٻين صوبن ۾ 10 لک روپين تائين علاج جي لاءِ ڪارڊز موجود آهن. صحت واري سيڪريٽري چيو ته سنڌ جي عوام کي به صحت ڪارڊ ڏيڻ جي حوالي سان قدم کنيا پيا وڃن 95 ارب روپين جو بجيٽ اسپتالن کي ڏنو پيو وڃي اهو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. ڪامران ٽيسوري چيو ته ڪراچي ۾ جتي وڃو گٽر کليل ملندا آهن. اڄ 11 هفتن تي ڏنو ڪٽي به گٽر تي ڍڪ رکيل نه هو. شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائيم جو به تمام گهڻو حال خراب آهي. ڪراچي پوليس چيف سان انهي باري ۾ ڳالهيون ڪندس. سنڌ جي گورنر چيو ته ماڻهو اسان کان پڇي رهيا آهن ته شهر مان ڏوهه ڪڏهن ختم ٿيندو. جنهن کان به موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون ڦريا انهن کي جلد اسان موبائيل ۽ موٽر سائيڪل ڏينداسين. هن چيو ته ٻن ڏينهن جي لاءِ آءِ جي ۽ ڪراچي پوليس چيف کي منهنجي ماتحت ڪريو پوءِ ڏوهه ثابت ٿئي وڃي ته استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس. جنهن کي نگران حڪومت ڏني وئي انهن کان به سوال ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 24 ***

دمشق ۾ ايراني اختيارين جي استعمال هيٺ عمارت کي نشانو بڻايو. خابرو اداري موجب اسرائيلي حملي ۾ ايراني پاسداران انقلاب جي عهديدارن سميت 5 ڄڻا مارجي ويا. ذريعن ٻڌايو ته اسرائيلي حملي جو نشانو بڻايل عمارت ايراني ايڊوائزرز جي استعمال هيٺ هئي. خابرو اداري موجب شام جي سرڪاري ميڊيا دمشق ۾ عمارت تي امڪاني اسرائيلي حملو رپورٽ ڪيو هو.

بقايا 25 ***

نامعلوم ماڻهن آئل اينڊ گيس ڪمپني جي حفاظتي گاڏي تي حملو درازنده جي علائقي ۾ ڪيو. گاڏي تي ريموٽ ڪنٽرول بم جي ذريعي ڌماڪو ڪيو ويو جنهن ۾ 3 ايف سي اهلڪار زخمي ٿي پيا. شروعاتي ڄاڻ موجب نامعلوم هٿيارٻندن ۽ حفاظتي اسڪواڊ وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو جاري آهي. ان دوران هڪ شهري جي زخمي ٿيڻ جا پڻ اطلاع آهن. فائرنگ دوران زخمين کي اسپتال منتقل ڪرڻ ۾ پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا 26 ***

جي چيئرمين ۽ رڪن جي حيثيت تان استعيفيٰ نگران وزيراعظم کي پيش ڪرڻ چيو ويو. پي سي بي موجب، ذڪاءَ اشرف پيٽرن پي سي بي جي اعتماد تي ٿورا مڃيا ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته ذڪاءَ اشرف جي استعيفيٰ ڪانپوءِ پي سي بي مئنيجمينٽ ڪميٽي جو وقتي چيئرمين شاهه خاور هوندو ۽ سنڌس نگراني ۾ نيون چونڊون ٿينديون.

بقايا 27 ***

669 سيڪيورٽي اهلڪار موجود آهن. اسلام آباد ۾ 4500، پنجاب ۾ 1 لک 30 هزار سيڪيورٽي اهلڪار پولنگ ڊي تي سيڪيورٽي لاءِ دستياب آهن. سنڌ ۾ هڪ لک پنج هزار، ڪي پي ڪي ۾ 89 هزار 959 ۽ بلوچستان ۾ 38 هزار 210 صوبائي سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. چئني صوبن سيڪيورٽي اهلڪارن جي کوٽ بابت وفاقي حڪومت کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 28 ***

خاندان پنهنجي ٻچي جي شادي ڪرائي ڇڏي جن جي شادي اسرائيل جي حملي کان اڳ طئي ٿيل هئي پر بمباري ۾ سندن گهر تباهه ٿيڻ کان پوءِ اهو خاندان پناهگير ڪيمپن ۾ رهي رهيو آهي.

بقايا 29 ***

جا 6 ڄڻا ٿڏي تي ئي مارجي ويا جڏهن ته 4 زخمي ٿي پيا آهن. لاشن ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. مارجي ويلن ۾ پوليس اهلڪار شير محمد، امير بخش، نصيب الله سميت پيا شامل آهن. ٻنهي ڌرين وچ ۾ هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو. واقعي کان پوءِ پوليس علائقي ۾ وڌيڪ ڇڪتاڻ کي روڪڻ جي لاءِ علائقي جو گهيراءُ ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي گهوٽڪي انور کيتران چيو آهي ته قبائلي چڱن مڙسن ۾ هٿ وجهڻ تائين خوني تڪرار حل نه ٿيندا. هن چيو ته مقتولن جا وارث جهيڙن جو سبب بڻيل چڱن مڙسن تي ڪيس داخل نه ٿا ڪرائين. 6 ڄڻن جو قتل ساوند سندراڻي قبائلي تڪرار تان ٿيو

بقايا 30 ***

رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 84 هزار 585 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 31 ***

لاءِ خط لکي ڇڏيو آهي. ذريعن موجب جج محمد بشير 24 جنوري کان 14 مارچ تائين موڪلن جي لاءِ خط لکي ڇڏيو آهي. احتساب عدالت جي جج محمد بشير خط اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ انصاف ۽ قانون واري وزارت کي لکيو آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته جج محمد بشير جو لکيل خط هاءِ ڪورٽ، قانون ۽ انصاف واري وزارت کي ملي ويو آهي. ذريعن موجب لکيل خط ۾ احتساب عدالت جي جج محمد بشير لکيو آهي ته طبيعت خراب هجڻ سبب ڊيوٽي جا معاملا انجام نٿو ڏئي سگهان ان ڪري منهنجي رٽائرمينٽ تائين موڪل منظور ڪئي وڃي. ياد رهي ته احتساب عدالت جو جج محمد بشير العزيزيه اسٽيل ملز ۽ بل ميٽل ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف، مريم نواز ۽ ڪيپٽن صفدر کي سزائون ٻڌايون هيون ۽ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي خلاف توشه خانه ڪيس به سنڌس ئي عدالت ۾ هلي رهيو آهي. ان کان علاوه جج محمد بشير اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، نوازشريف ۽ يوسف رضا گيلاني جي خلاف توشه خانه ڪيس به ٻڌو. جڏهن ته اڳوڻو وزيراعظم شاهد خاقان عباسي ايل اين جي ريفرنس ۽ راجا پرويز اشرف رينٽل پاور ڪيس ۾ جج محمد بشيرجي عدالت ۾ پيش ٿيندا رهيا آهن.

جوبول تفصيل موجب ضلعي بدين جي ڳوٺي ٽڪ اين اي 223 تي مختلف سياسي پارٽين جن ۾ پ پ طرفان حاجي رسول بخش چانڊيو جي ڊي اي طرفان فهميده مرزا تحريڪ انصاف طرفان عزيزالله ڏيرو کي سياسي ميدان ۾ لاهي ڇڏيو تعلقي بدين جي سڀ کان وڏي آبادي رکندڙ شهر ڪڏڻ ۽ ڀرپاسي واري ڳوٺن ۾ ڪوب سياسي ماڻهون نظرن آيو هتي جا ووٽر سنڌن انتظار ۾ ويٺل ڳوٺي تڪ تي پ پ اميدوار رسول بخش چانڊيو ۽ جي ڊي اي اميدوار فهميده مرزا ۾ ڪانٽي جو مقابلو ٿيڻ جا امڪان ڪڏڻ شهر ۽ ڀرپاسي واري علائقن ۾ ڪيل سياسي حوالي سان عام ڇوپول پڌڻ ۾ آيا ت پ پ اميدوار جي ڪامياب ٿيڻ ۽ سياسي پوزيشن مظبوط نظر اچي ان جو اهو سبب ٻڌايو ويو ت اڳئين اليڪشن کان پوءِ حاجي رسول بخش جو عوام سان ميل ميلاپ بهتر رهيو ۽ آپا فهميده مرزا ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ وڃي اسلام آباد وسايو جنهن ڪري عوام مجبور تي وڃي رابطو ڪرڻ تي حاجي رسول بخش چانڊيو چيو اڳئين اليڪشن ۾ آءُ ڪامياب ٿيو هئس هنيشر ب عوام بهتر موٽ ڏئي رهيو آهي انشاالله عوام جي ووٽ سان ڪامياب ٿي عوام جي خدمت ڪندس

بقايا سنڌيار 20

اطلاع ملڻ بعد ملهڻ برادري جا ماڻهون وڏي انگ ۾ واقعي واري هنڌ پهتا جتان پيرو پڻ کنيو ويو جڏهن ت اطلاع جي باوجود سرحد پوليس ڪو ب قدم ن کڻي سگهي آهي مغوين جي گهرن ۾ ڪهرام پڻ مچل آهي

بقايا سنڌيار 21

چڙيون آهن. ٽنڊوجام شهر جي مين ڦاٽڪ تي پي ايس 61 جي آزاد اميدوار شيراز پٽي پاران جلسو منعقد ڪيو ويو جلسي ۾ عمير پٽي، احمد شيخ خادم چانڊيو رشد خاصخيل ڪامران ميتلو اشوڪ ڪمار سميت خاصخيلي برادري، چانڊيا برادري، مگسي برادري ڪنڀار برادري، پٽي برادري، شيخ برادري، اقليتي برادري سميت مختلف برادرين جي معززين پاران آزاد اميدوار شيراز احمد پٽي جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪندي ڀرپور ساٿ ڏيڻ جي خاطري ڪرائي، ان موقعي تي پي ايس 61 جي آزاد اميدوار شيراز احمد پٽي جلسي کي خطاب ڪندي چيو ت گذريل 15 سالن کان پيپلزپارٽي اقتدار ۾ رهڻ باوجود تعلقي حيدرآباد ڀهراڙيءَ ۾ گيس بجلي پيڻ جي ملي پاڻي روڊ رستن سميت مختلف مسئلن جا مسئلا حل ن ڪرائي سگهي آهي. هن وڌيڪ چيو ت ٽنڊوجام سميت مختلف علائقن ۾ منشيات سرعام هلي رهي آهي ۽ پوليس ڪاروائي ڪرڻ بدران پي ايس 61 تي بيٺل آزاد اميدوارن کي اليڪشن تان دستبردار ڪرائڻ لاءِ ونگارو بڻيل هجڻ جو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ رڌل آهي. هن وڌيڪ چيو ت 8 فيبروري تي جهاز جي نشان تي ٺپو هڻي موڪلي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪري اقتدار ۾ آڻيو جيئن اوهان جا سڀ مسئلا حل ڪرائي سگهان، ان موقعي تي هن مختلف برادرين پاران ساٿ ڏيڻ تي شڪريو ادا ڪيو.

بقايا سنڌيار 22

اياز ڪلوئي جي صدارت هيٺ جهڏو ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ پي ايس 48 جي اميدوار ۽ ضلعي صدر امير بخش جروار خصوصي شرڪت ڪئي سالگره تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ت اڄ جي سنڌ جي ماڻهن ۾ سجاڳي جي لهر

جنهن ۾ سنڌ سان اهڙو عشق سمايل آهي جيڪو عشق صدين جي شاعري جو هڪ تسلسل آهي ، ابراهيم منشي جي شاعري ۾ سنڌس گائيڪي جو روپ شاعري جي ڇپيل 9 مجموعن کان الڳ سنڌس اڻ ڇپيل شاعري شايع ٿي ن سگهي آهي پر سنڌ جي نوجوانن توڙي هارين مزدورن ، پورهيتن کي اڄ ب سنڌس شاعري زباني ياد آهي ، جنهن جي ڪري سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي کي ن صرف نصاب ۾ ابراهيم منشي جي شاعري کي شامل ڪرڻ گهرجي پر سنڌس شاعري جو هڪ رسالو شايع ڪري سموري اڻ ڇپيل شاعري کي محفوظ ڪيو وڃي ، ابراهيم منشي اسان سان جسماني طور ت گڏ شامل ن آهي پر هو شاعري جي ذريعي سنڌ جي عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو ، سالگره واري تقريب کي علم وادب اڪيڊمي جي ضلعي صدر حنا زهرا ، شاعر نثار احمد ناز ، شاعر نوشاد پٽي ، اديب محمد جمن جانب سومرو ، شاعر اديب گل ٽڪرائي ، علم و ادب اڪيڊمي جي ضلعي صدر عبدالغفور ڪنڀار ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، ممتاز شاه بخاري ، غلام محمد چلگري ، قومي ڪارڪن ذوالفقار پيو پرڳڙي ۽ ٻين مزاحمتي انقلابي شاعر منشي ابراهيم جي لازوال شاعري تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو ، تقريب ۾ مزاحمتي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ، سالگره واري تقريب ۾ صوفي فنڪار استاد خدابخش ڪڇي ، وسيم حيدري ۽ ٻين ابراهيم منشي جي شاعري کي گائيڪي ۾ ڳائي داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 26

رسائي کي آسان بڻائجي جيئن اُنهن جي فوري طور مدد فراهم ٿي سگهي ۽ سڌي ريت انهن مختلف تشدد جي متاثر عورتن جي مدد ٿي سگهي ورڪشاپ ۾ پاڪستان ريڊ ڪريسينٽ جي ڪامران ڪاشف، شارڪ احمد، عروسه ڪٽي، رحيم امان شاه، ڪامران ڪورائي اداري هلال احمر پاران هلندڙ فلڊ ريڪوري پروگرام ۽ جي بي وي تي تفصيلي آگاهي ڏيندي تمام شريڪ تنظيمن جي ڪهڙي ريت ريفرل ڊاريڪٽري ڏاهڻي آهي جنهن بابت تفصيل ڏنا ۽ چيو ت اسان جو مقصد موجوده خدمتن کي گهربل معاشرن ضرورتمندن تائين با آساني پهچائڻ آهي ورڪشاپ ۾ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن محمد بخش ڪورائي، حميد سميجو، بلقيس عباسي، ياسر ارفات، محمود ڀٽي، نياز چانڊيو، صنم ڀٽي، فرحان قريشي، عرفان ڀٽي، روزينه جتوئي، جڏهن ت سرڪاري ادارن مان وومين پروٽيڪشن سيل صحت کاتي، سوشل ويلفيئر، ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ اينجيوز آءِ اينجيوز جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 27

اسٽاپ پرسان رهائشي ڪالوني ۾ چوڪيداري ڪندڙ 35 سالا پورهيت زاهد حسين شيدي 3 مهينن کان پراسرار طور گم ٿي ويو آهي ، جنهن بابت سندس گهرواري مسمات شاهين پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ت سندس گهروارو زاهد حسين شيدي 3 مهينن کان علائقي جي بااثر شخص ديدار خواجه وٽ بنگلي تي چوڪيداري ڪندي پراسرار طور گم ٿي ويو آهي جنهن جو ڪو ب ڏس پتو اسان کي ن ملي رهيو آهي ، اسان جڏهن بااثر شخص کان پڇا ڪئي هئي ت هن چيو ت هڪ دڪان مان چوري ڪرڻ ڪانپوءِ اسان وٽ وري ن آيو آهي پر چوري ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌس خلاف ڪو ب ڪيس داخل ن ٿيو آهي جنهن جي ڪري اسان کي بااثر شخص تي خدشو آهي ت هن کيس پنهنجي بنگلي جي اندر مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي قتل ڪيو آهي يا وري ڪٿي قيد ڪري ڇڏيو آهي ، مٿس ڪو ب الزام آهي ت ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ ڪيس پوليس حوالي ڪيو وڃي ت اسان کي معلوم ٿي سگهي ت هو زنده آهي يا قتل ٿي ويو آهي ، جنهن جي ڪري سنڌس 5 معصوم ٻار پنهنجي ماءُ سان گڏ فاقاڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن ٻن معصوم ٻارڙين ٻن پٽن تعليم ڇڏي ڏني آهي ، اسڪول ن وڃي رهيا آهن جڏهن گهر ۾ کاڌي لاءِ ڪجهه ڪونهي ت ٻار اسڪول ڪيئن ويندا ، هڪ معصوم ٻار سال جو آهي جنهن کي پڻ کاڌ خوراڪ ڪارڻ لاءِ پريشان رهان ٿي ، معصوم ٻار اڪثر بيمار رهي ٿو جنهن جي ڪري ذهني طور پريشانين ۾ مبتلا ٿي وئي آهيان ، ٻي سيڪشن ٿاڻي تي درخواست ڏني هئي پر پوليس ڪا ب ڪاروائي ن ڪئي، ٻروي بااثر شخص کان پوليس ڪا پڇا ڪئي آهي ، منهنجو مڙس بازياب ڪرائي ن ڏنو ويو ت مجبور ٿي پنهنجو ٻارن کي ٻارن سميت باهه ڏئي آپگهات ڪندس.

بقايا سنڌيار 28

سرهندي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، گل محمد سومرو، وسل ڪيسچند شرما، سومار سنگر، محمد اشرف سٽيو، امداد حسين "ارمان" خاصخيلي، مظهر حسين ٻهرائي، محمد اشرف گنجلائي، حاجي سميع الله ميمڻ، حاڪم علي رند، چنو "رمز" خاصخيلي، قدير لغاري، اياز غفور سولنگي، آس وزير حسن ۽ ٻين پيش ڪيل تکور تخليقن تي پنهنجا شاندار اصلاحي ۽ تنقيدي رايا ڏنا ادبي ويهڪ جي وقتي صدر ماما غلام نبي "شاعر" خاصخيلي پنهنجي صدارتي راءِ ڏيندي چيو ت سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي هفتيوار ادبي ويهڪ روايتي طور تخليقي حوالي سان تمام گهڻي لاپائتي ثابت ٿي. ڪارائتيون لکڻيون پيش ٿيون، جن تي اصلاحي ۽ تنقيدي رايا ب انتهائي لاپائتا رهيا. مسلسل اهڙي قسم جون شاندار ادبي ويهڪون منعقد ڪرائڻ تي شاخ جا سمورا دوست ڪيرون لهڻ ويهڪ جي شرعات ۾ شاخ جي خزانچي گل خاصخيلي روايتي طور وقتي صدر ماما غلام نبي "شاعر" خاصخيلي کي گلن جو هار پارايو ۽ هن شاخ جي مالياتي رپورٽ پڻ پيش ڪئي، جيڪا متفق طور منظور ڪئي وئي. هفتيوار ادبي ويهڪ جي ڪاروائي شاخ جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري روايتي طور شاه لطيف جي ڪلام سان شروع ڪئي ۽ شاه لطيف جي ڪلام سان ئي ادبي ويهڪ جي پڄاڻي ٿي.

بقايا سنڌيار 29

سنڌس انقلابي جدوجهد تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ، سالگره واري تقريب ٽنڊو محمد خان ۾ عوامي تحريڪ پاران ڪئي وئي انهي موقعي تي اڳواڻن چيو ت سنڌ جي ڏاهي دانشور رسول بخش پليجو جي سنڌ جي قومي انقلابي جدوجهد ۾ پنهنجي پوري حياتي ارپي ڇڏڻ سنڌ جي تاريخ جو اهڙو باب آهي جيڪو صدين يادگار رهندو ، سنڌس ڇڏيل مشعل راه تي سنڌ جا قومي ڪارڪن اڄ ب پنهنجي قائد جي مشن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ آخري پساه تائين جدوجهد جاري رکندا . انهي موقعي تي سنڌ جي ڏاهي دانشور رسول بخش پليجو جي 94هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

بقايا سنڌيار 30

واري ڪيمپ لڳائي وئي جتي پهرين ڏينهن ڪوهستان سميت اندروني سنڌ جي مختلف علائقن کان آيل 640 مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ويو ۽ 220 مريض آپريشن جي لاءِ فلٽر ڪيا ويا. 120 مريضن جو آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا جڏهن ت ڪيمپ سهائي جي ڏينهن ب جاري رهندي

بقايا سنڌيار 31

جو اعلان ڪري ڇڏيو جاتي ڪئمپ جو پڻ افتتاح ڪري شهيد فاضل راهو چوڪ تي پرچم ڪشائي ڪئي جنهن ڪانپوءِ درگاه مڪرئيين پيائي رح تي چادر چاڙهي دعا پڻ گهري جاتي شاهبندر ڪارو چاڻ ۽ ٽيپو ولهار جا هزارين ڪارڪن عهديدار شهري سميت ضلعي جي قيادت پاران ڀرپور شرڪت جنهن ۾ پ پ سرگرم اڳواڻ رئيس حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي، شفقت علي خان ملڪاڻي، اعظم خان ملڪاڻي، سجاول ضلع چيئرمين دانش خان ملڪاڻي، سابق صدر سجاول ارباب وزير ميمڻ، ارباب ڪامران، اسلم خان ملڪاڻي، اڳوڻي ڊپٽي اسپيڪر ادي ريحانه لغاري، سابق ايم پي اي هير سوهو ضلعي سجاول وائيس چيئرمين ارباب رميز زئون ٽائون چيئرمين جمن خان ملڪاڻي پ پ تعلقي شاهبندر صدر يوسف جمالي، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، اڳوڻو ٽائون چيئرمين حفيظ الرحمان ميمڻ، سيٺ عبدالعزيز ميمڻ، سپاف ضلعي سجاول صدر زاهد ڪلڙ سجاول ضلع انفارميشن سيڪريٽري منظور رحيم پليجو ٽائون چيئرمين چوهڙجمالي محمد عثمان ميمڻ، وائيس چيئرمين شڪيل احمد ڪٽي، سابق صدر چاچا عبدالستار لوهان پ پ اڳواڻ اقبال موسي" چانڊيو سميت سمورن پ پ اڳواڻن چونڊ مهم جي پروگرام ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 32

سان سياسي ڊائلاگ پروگرام منعقد ڪيو ويو سياسي ڊائلاگ ۾ ٿر جي مختلف تڪن جي عوامي تحريڪ جي اميدوار اوپايو جوڻيجو ۽ آزاد اميدوارن انجنيئر ولي محمد راهمون، محمد خان لنڊ، وڪيل ڦيمت راءِ، شريف منوائي، عبدالڪريم سميجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي پر اڳوڻين اليڪشن ۾ چونڊجندڙ ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي، ارباب لطف الله، ارباب غلام رحيم، ارباب انور جبان ارباب خانصاحب نوڪاچي، فقير شير محمد بلالاڻي، دوست محمد راهمون، عبدالرزاق راهمون، پيرامير علي شاهه جيلاني ۽ ٻيا عوام وٽ جوابدا هجڻ بجاءِ پنهنجو منشور پيش ڪرڻ لاءِ شرڪت ن ڪئي سياسي ڊائلاگ ۾ ٿر سٽيزن فورم جي اڳواڻن نور بجير، ساجن جارو ۽ ٻين ٿر قدرتي معدني وسيلن سان مالا مال آهي پر ان شاهوڪار ٿر کي ڏتڙيل رکيو ويو آهي ٿر جي زمين، ماحوليات، پاڻي سميت بنيادي مسئلا تعليم، صحت ۽ ٻين سهولتن کان محروم بڻيل آهي پر چونڊجي ويندڙ اُنهن ٿر جي بنيادي مسئلن تي اسيمبلين ۾ ڳالهائڻ يا قانون سازي ڪرڻ لاءِ تيار ن آهن اُتڪري ٿر سٽيزن فورم چاهي ٿو ت ٿر جي ماڻهو لاءِ روزگار وسيلن جي مالڪي، ڪول پروجيڪٽن ۾ عوام جي حق تلفي، بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪهڙو منشور آهي. هن چيو ت ٿر ۾ هر اليڪشن ۾ عوام نمائندا چونڊي موڪلي ٿي پر انهن ڪنهن ب قسم جي قانون سازي يا وري پاليسي ن ناهي آهي ۽ نڪي ٿر ۾ ڪارخانا يا وري يونيورسٽيز کولڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو آهي تنهن ڪري هاڻي جيڪي چونڊ وڙهن ٿا اهي پنهنجو منشور عوام آڏو واضح ڪن. ان موقعي تي سياسي ڊائلاگ ۾ عوامي تحريڪ جي اوپايو جوڻيجو آزاد اميدوارن انجنيئر ولي محمد راهمون، ڪريم سميجو، محمد خان لنڊ، وڪيل ڦيمت راءِ، شريف منوائي ۽ ٻين پنهنجو عوام جي ترجيحي بنيادي مسئلن ۽ ان جي حل بابت منشور پيش ڪندي چيو ت اسان ٿر جي ماڻهن مان ۽ انهي طبقي سان تعلق رکندڙ آهيون ۽ اسان جو منشور ب عوام جي خدمت ۽ بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جو آهي، هنن ڌار ڌار چونڊ منشور بيان ڪندي چيو ت اسان ڪٽي اسيمبلين ۾ ٿر جي قدرتي معدني وسيلن جي مالڪي ڪرڻ سان گڏ عوام کي پنهنجا بنيادي حق ونڊائڻ لاءِ قانونسازي سان گڏ قانون تي عمل ڪرائينداسين، اسان ٿر جي زمين لاءِ لينڊ گرانٽ پاليسي ۽ ڏاوڻن جي سروي لاءِ جامع پاليسي جوڙينداسين ۽ ٿر ۾ پاڻي جو مسئلو مڪمل حل لاءِ ڪئنال ڏيڻ لاءِ اسيمبلين ۾ ڳالهائينداسين. هنن چيو ت ٿرڪول جي ڪري ماڻهن کان زمينون پڳڙن مٽ تي کسيون ويون آهن ۽ مائننگ جي ڪري جر جو پاڻي ۽ ماحوليات تباهه بڻجي ويئي آهي اتڪري اسان ڪوئلي تي ملندڙ رائلٽي ٿر تي خرچ ڪنداسين ۽ جر جي پاڻي سميت ماحوليات جي تباهي بابت ڪا پاليسي ناهي عوام جي حقن جو احترام ڪيو ويندو. هنن چيو ت ٿر ۾ ميڊيڪل سميت ايگريڪلچر ۽ ٻيون يونيورسٽيز ۽ فيڪٽريون قائم ڪري عوام لاءِ روزگار جا موقعا پڻ فراهم ڪرڻ اسان جي منشور جا نقطا اهن. هنن چيو ت ٿر جي تعليم، صحت ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پڻ قانون سازي ڪنداسين ۽ عوام جي هر مسئلي جو خيال ڪرڻ سان گڏ اسيمبلين ۾ آواز بلند رکنداسين، هنن چيو ت ٿر جي جهنگلي جيوت خطري ۾ آهي ان کي بچائڻ لاءِ ب قانون سازي ڪنداسين. ان موقعي تي ٿالي واري سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر سونو مل ڪنگهاراڻي سياسي ڊائلاگ ۾ پنهنجو موقف بيان ڪندي چيو ت اسان کي پارٽين ن پر ماڻهن جي مسئلن کي سمجهندڙ سياسي ڪردار گهرجن ڇاڪاڻ ته ايندڙ سالن جي پلاننگ ڪن ت ٿر ۾ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ٿر جي نوان شهر ۽ ڪارخانا لڳائڻ جيئن نوجوانن کي روزگار جا موقعا ملن ٿر جي زمين جي مڪمل سروي ڪري فوڊ سيڪورٽي لاءِ اڳواٽ پلاننگ ڪئي وڃي ۽ ايندڙ 20 سالن ۾ سڄي دنيا ۾ فوڊ سيڪورٽي جو مسئلو پيدا ٿيندو هنن چيو ت ٿر ۾ بهتر تعليمي ادارن جي ضرورت آهي جيڪي ب اميدوار منشور جو حصو رکن، ٿرڪول ۾ ڌارين آبادڪاري جي زمين جو استعمال وڌيڪ ٿئي پيو ۽ ان ڪري لائيو اسٽاڪ خطري ۾ آهي ان لاءِ اڳواٽ پلاننگ ڪئي وڃي، ملڪ جي ٻين حصن ۾ جيئن گارمينٽ فيڪٽريون الڳ آهن اُئين ٿر ۾ ب گارمينٽ فيڪٽرين جو قيام عمل ۾ آندو وڃي ت عوام ترقي ڪري سگهي ٿي ان موقعي تي عمران لنگهو ۽ ٻين ٿر سٽيزن فورم جي وقتائتي پروگرام جي ساراهه ڪئي

بقايا سنڌيار 33

ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو جي اعزاز ڪوسا برادري پاران غلام مصطفيٰ ڪوسو جي ميزباني ۾ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ ڪوسا برادري سميت مختلف برادرين جي سوين ماڻهن شرڪت ڪري چيف گيسٽ ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو جو شاندار نموني استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو کي بوسڪي جو پٽڪو پارايو ويو آجياڻي جي پر وقار تقريب کي خطاب ڪندي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو چيو آهي ت اهڙا پروگرام منعقد ڪرڻ با مقصد هجڻ گهرجن جيئن اجوڪي هن پروگرام ۾ ب اسان پاران شرڪت ڪرڻ جو ب ڪو مقصد آهي مقصد اهو آهي ت تعليم تي توجه ڏيو نياڻين کي پڙهايو هڪڙي نياڻي پڙهي چڙهي ت سڄو گهر پڙهيو لکيو ٿي ويندو ب زميندار، مالدار هجي پر ان کان وڌيڪ اهميت پي ايچ ڊي ڪيل نوجوان کي آهي اسان جي سڃاڻپ ب تعليم ٿي آهي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو ڪوسا برادري سميت سڀني کي هدايت ڪئي ت ٺيڪ عمل ڪريو پنهنجي آسپاس ۾ رهندڙن کي ڪم اچو ڪنهن کي ب تڪليف ن ڏيو هن وڌيڪ چيو ت تعليم ۾ ملڪ سنڌ ۽ قوم جي ڀلائي ۽ بهتري آهي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو ڪوسا برادري کان وچن ورتو ت جيئن اسان سال ڪانپوءِ ٻيهر هتي اچون ت تعليمي ترقي ڏسڻ ۾ اچي ڇاڪاڻ ت تعليم ئي سڀني مسئلن جو حل آهي تقريب ۾ اڳوڻو ايم پي اي رئيس فقيرداد ڪوسو ڪيپٽن ذوالفقار ڪوسو ماستر نياز ڪوسو گاجي شاه جي گادي نشين رسول بخش ڪوسو رئيس عبدالرحمان ڪوسو رئيس نثار ڪوسو رئيس خدابخش ڪوسو حاجي محمد قاسم ڪوسو آف متياري پنو جمالي ڏاڪٽر خان ڪوسو آف ميهڙ محمد صفر ڪوسو تاج محمد ڪوسو سرمد ڪوسو محمد اشرف ڪوسو اين بي ڪوسو مهيسر ڪوسو ميان خان بليدي عبدالحميد لاڪير راشد لاڪير ڊاڪٽر امان الله چانڊيو ڊاڪٽر زاهد اوٺو قربان علي ٻرڙو امير مزمل ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 34

هيري جو لقب ڏنو ويو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ علم و ادب اڪيڊمي پاران سنڌ جي مزاحمتي قومي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره واري تقريب کي تاريخدان ليکڪ حڪيم محمد يوسف ڪتري خطاب ڪندي چيو ت سنڌي ادب جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ شاعري جو هڪ الڳ مقام رهيو آهي، صدين کان سنڌ جي شاعرن سنڌي ادب کي اعليٰ مقام ڏئي شاعري کي نرالو روپ ڏنو آهي جنهن کي پوري دنيا ۾ مڃتا ملي ٿي ، ابراهيم منشي ب انهن وڏن مهان شاعرن مان هڪ شاعر آهي جنهن جي شاعري سنڌ لاءِ وڏو اثاثو آهي ، ابراهيم منشي سنڌ جو اهڙو اڏول قومي انقلابي شاعر هو جنهن پنهنجي حياتي ۾ شاعري سان گڏ جهرجهنگ وڃي گائيڪي ذريعي سنڌ جي هاري مزدور ، پورهيت شاگرد ، هيٺين وچولي طبقي ۾ عوامي شعور بيدار ڪيو ، سنڌس شاعري سنڌ جي لاءِ اهڙو انمول تحفو آهي جنهن ۾ سنڌ جي نوجوانن ۾ قومي انقلابي راه ڏانهن مائل ڪرڻ سان گڏ کين پنهنجي قومي جدوجهد ۾ اڳتي وڌڻ جو سبق ڏنل آهي ، ابراهيم منشي جي شاعري عام روايتي شاعري کان الڳ اهڙي روپ ۾ ڪيل آهي جنهن ۾ شاعري جو عام تصور سنڌ جي ماڻهن ۾ شاعري کي سمجهڻ جو موقعو فراهم ٿيل آهي ، سالگره واري تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي سرپرست سيد فتح علي شاه شمسي خطاب ڪندي چيو ت سنڌ جو مزاحمتي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي شاعري سنڌي ادب ۽ ٻولي لاءِ وڏو اعزاز آهي ، جنهن ۾ سنڌ سان اهڙو عشق سمايل آهي جيڪو عشق صدين جي شاعري جو هڪ تسلسل آهي ، ابراهيم منشي جي شاعري ۾ سنڌس گائيڪي جو روپ شاعري جي ڇپيل 9 مجموعن کان الڳ سنڌس اڻ ڇپيل شاعري شايع ٿي ن سگهي آهي پر سنڌ جي نوجوانن توڙي هارين مزدورن ، پورهيتن کي اڄ ب سنڌس شاعري زباني ياد آهي ، جنهن جي ڪري سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي کي ن صرف نصاب ۾ ابراهيم منشي جي شاعري کي شامل ڪرڻ گهرجي پر سنڌس شاعري جو هڪ رسالو شايع ڪري سموري اڻ ڇپيل شاعري کي محفوظ ڪيو وڃي ، ابراهيم منشي اسان سان جسماني طور ت گڏ شامل ن آهي پر هو شاعري جي ذريعي سنڌ جي عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو ، سالگره واري تقريب کي علم وادب اڪيڊمي جي ضلعي صدر حنا زهرا ، شاعر نثار احمد ناز ، شاعر نوشاد پٽي ، اديب محمد جمن جانب سومرو ، شاعر اديب گل ٽڪرائي ، علم و ادب اڪيڊمي جي ضلعي صدر عبدالغفور ڪنڀار ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، ممتاز شاه بخاري ، غلام محمد چلگري ، قومي ڪارڪن ذوالفقار پيو پرڳڙي ۽ ٻين مزاحمتي انقلابي شاعر منشي ابراهيم جي لازوال شاعري تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو ، تقريب ۾ مزاحمتي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ، سالگره واري تقريب ۾ صوفي فنڪار استاد خدابخش ڪڇي ، وسيم حيدري ۽ ٻين ابراهيم منشي جي شاعري کي گائيڪي ۾ ڳائي داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 35

اسٽاپ پرسان رهائشي ڪالوني ۾ چوڪيداري ڪندڙ 35 سالا پورهيت زاهد حسين شيدي 3 مهينن کان پراسرار طور گم ٿي ويو آهي ، جنهن بابت سندس گهرواري مسمات شاهين پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ت سندس گهروارو زاهد حسين شيدي 3 مهينن کان علائقي جي بااثر شخص ديدار خواجه وٽ بنگلي تي چوڪيداري ڪندي پراسرار طور گم ٿي ويو آهي جنهن جو ڪو ب ڏس پتو اسان کي ن ملي رهيو آهي ، اسان جڏهن بااثر شخص کان پڇا ڪئي هئي ت هن چيو ت هڪ دڪان مان چوري ڪرڻ ڪانپوءِ اسان وٽ وري ن آيو آهي پر چوري ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌس خلاف ڪو ب ڪيس داخل ن ٿيو آهي جنهن جي ڪري اسان کي بااثر شخص تي خدشو آهي ت هن کيس پنهنجي بنگلي جي اندر مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي قتل ڪيو آهي يا وري ڪٿي قيد ڪري ڇڏيو آهي ، مٿس ڪو ب الزام آهي ت ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ ڪيس پوليس حوالي ڪيو وڃي ت اسان کي معلوم ٿي سگهي ت هو زنده آهي يا قتل ٿي ويو آهي ، جنهن جي ڪري سنڌس 5 معصوم ٻار پنهنجي ماءُ سان گڏ فاقاڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن ٻن معصوم ٻارڙين ٻن پٽن تعليم ڇڏي ڏني آهي ، اسڪول ن وڃي رهيا آهن جڏهن گهر ۾ کاڌي لاءِ ڪجهه ڪونهي ت ٻار اسڪول ڪيئن ويندا ، هڪ معصوم ٻار سال جو آهي جنهن کي پڻ کاڌ خوراڪ ڪارڻ لاءِ پريشان رهان ٿي ، معصوم ٻار اڪثر بيمار رهي ٿو جنهن جي ڪري ذهني طور پريشانين ۾ مبتلا ٿي وئي آهيان ، ٻي سيڪشن ٿاڻي تي درخواست ڏني هئي پر پوليس ڪا ب ڪاروائي ن ڪئي، ٻروي بااثر شخص کان پوليس ڪا پڇا ڪئي آهي ، منهنجو مڙس بازياب ڪرائي ن ڏنو ويو ت مجبور ٿي پنهنجو ٻارن کي ٻارن سميت باهه ڏئي آپگهات ڪندس.

بقايا سنڌيار 36

ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو جي اعزاز ڪوسا برادري پاران غلام مصطفيٰ ڪوسو جي ميزباني ۾ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ ڪوسا برادري سميت مختلف برادرين جي سوين ماڻهن شرڪت ڪري چيف گيسٽ ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو جو شاندار نموني استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو کي بوسڪي جو پٽڪو پارايو ويو آجياڻي جي پر وقار تقريب کي خطاب ڪندي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو چيو آهي ت اهڙا پروگرام منعقد ڪرڻ با مقصد هجڻ گهرجن جيئن اجوڪي هن پروگرام ۾ ب اسان پاران شرڪت ڪرڻ جو ب ڪو مقصد آهي مقصد اهو آهي ت تعليم تي توجه ڏيو نياڻين کي پڙهايو هڪڙي نياڻي پڙهي چڙهي ت سڄو گهر پڙهيو لکيو ٿي ويندو ب زميندار، مالدار هجي پر ان کان وڌيڪ اهميت پي ايچ ڊي ڪيل نوجوان کي آهي اسان جي سڃاڻپ ب تعليم ٿي آهي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو ڪوسا برادري سميت سڀني کي هدايت ڪئي ت ٺيڪ عمل ڪريو پنهنجي آسپاس ۾ رهندڙن کي ڪم اچو ڪنهن کي ب تڪليف ن ڏيو هن وڌيڪ چيو ت تعليم ۾ ملڪ سنڌ ۽ قوم جي ڀلائي ۽ بهتري آهي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو ڪوسا برادري کان وچن ورتو ت جيئن اسان سال ڪانپوءِ ٻيهر هتي اچون ت تعليمي ترقي ڏسڻ ۾ اچي ڇاڪاڻ ت تعليم ئي سڀني مسئلن جو حل آهي تقريب ۾ اڳوڻو ايم پي اي رئيس فقيرداد ڪوسو ڪيپٽن ذوالفقار ڪوسو ماستر نياز ڪوسو گاجي شاه جي گادي نشين رسول بخش ڪوسو رئيس عبدالرحمان ڪوسو رئيس نثار ڪوسو رئيس خدابخش ڪوسو حاجي محمد قاسم ڪوسو آف متياري پنو جمالي ڏاڪٽر خان ڪوسو آف ميهڙ محمد صفر ڪوسو تاج محمد ڪوسو سرمد ڪوسو محمد اشرف ڪوسو اين بي ڪوسو مهيسر ڪوسو ميان خان بليدي عبدالحميد لاڪير راشد لاڪير ڊاڪٽر امان الله چانڊيو ڊاڪٽر زاهد اوٺو قربان علي ٻرڙو امير مزمل ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 37

هيري جو لقب ڏنو ويو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ علم و ادب اڪيڊمي پاران سنڌ جي مزاحمتي قومي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره واري تقريب کي تاريخدان ليکڪ حڪيم محمد يوسف ڪتري خطاب ڪندي چيو ت سنڌي ادب جي هزارين سالن جي تاريخ ۾ شاعري جو هڪ الڳ مقام رهيو آهي، صدين کان سنڌ جي شاعرن سنڌي ادب کي اعليٰ مقام ڏئي شاعري کي نرالو روپ ڏنو آهي جنهن کي پوري دنيا ۾ مڃتا ملي ٿي ، ابراهيم منشي ب انهن وڏن مهان شاعرن مان هڪ شاعر آهي جنهن جي شاعري سنڌ لاءِ وڏو اثاثو آهي ، ابراهيم منشي سنڌ جو اهڙو اڏول قومي انقلابي شاعر هو جنهن پنهنجي حياتي ۾ شاعري سان گڏ جهرجهنگ وڃي گائيڪي ذريعي سنڌ جي هاري مزدور ، پورهيت شاگرد ، هيٺين وچولي طبقي ۾ عوامي شعور بيدار ڪيو ، سنڌس شاعري سنڌ جي لاءِ اهڙو انمول تحفو آهي جنهن ۾ سنڌ جي نوجوانن ۾ قومي انقلابي راه ڏانهن مائل ڪرڻ سان گڏ کين پنهنجي قومي جدوجهد ۾ اڳتي وڌڻ جو سبق ڏنل آهي ، ابراهيم منشي جي شاعري عام روايتي شاعري کان الڳ اهڙي روپ ۾ ڪيل آهي جنهن ۾ شاعري جو عام تصور سنڌ جي ماڻهن ۾ شاعري کي سمجهڻ جو موقعو فراهم ٿيل آهي ، سالگره واري تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي سرپرست سيد فتح علي شاه شمسي خطاب ڪندي چيو ت سنڌ جو مزاحمتي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي شاعري سنڌي ادب ۽ ٻولي لاءِ وڏو اعزاز آهي ، جنهن ۾ سنڌ سان اهڙو عشق سمايل آهي جيڪو عشق صدين جي شاعري جو هڪ تسلسل آهي ، ابراهيم منشي جي شاعري ۾ سنڌس گائيڪي جو روپ شاعري جي ڇپيل 9 مجموعن کان الڳ سنڌس اڻ ڇپيل شاعري شايع ٿي ن سگهي آهي پر سنڌ جي نوجوانن توڙي هارين مزدورن ، پورهيتن کي اڄ ب سنڌس شاعري زباني ياد آهي ، جنهن جي ڪري سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي کي ن صرف نصاب ۾ ابراهيم منشي جي شاعري کي شامل ڪرڻ گهرجي پر سنڌس شاعري جو هڪ رسالو شايع ڪري سموري اڻ ڇپيل شاعري کي محفوظ ڪيو وڃي ، ابراهيم منشي اسان سان جسماني طور ت گڏ شامل ن آهي پر هو شاعري جي ذريعي سنڌ جي عوام جي دلين تي راڄ ڪري ٿو ، سالگره واري تقريب کي علم وادب اڪيڊمي جي ضلعي صدر حنا زهرا ، شاعر نثار احمد ناز ، شاعر نوشاد پٽي ، اديب محمد جمن جانب سومرو ، شاعر اديب گل ٽڪرائي ، علم و ادب اڪيڊمي جي ضلعي صدر عبدالغفور ڪنڀار ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، ممتاز شاه بخاري ، غلام محمد چلگري ، قومي ڪارڪن ذوالفقار پيو پرڳڙي ۽ ٻين مزاحمتي انقلابي شاعر منشي ابراهيم جي لازوال شاعري تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو ، تقريب ۾ مزاحمتي انقلابي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ، سالگره واري تقريب ۾ صوفي فنڪار استاد خدابخش ڪڇي ، وسيم حيدري ۽ ٻين ابراهيم منشي جي شاعري کي گائيڪي ۾ ڳائي داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 38

اسٽاپ پرسان رهائشي ڪالوني ۾ چوڪيداري ڪندڙ 35 سالا پورهيت زاهد حسين شيدي 3 مهينن کان پراسرار طور گم ٿي ويو آهي ، جنهن بابت سندس گهرواري مسمات شاهين پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ت سندس گهروارو زاهد حسين شيدي 3 مهينن کان علائقي جي بااثر شخص ديدار خواجه وٽ بنگلي تي چوڪيداري ڪندي پراسرار طور گم ٿي ويو آهي جنهن جو ڪو ب ڏس پتو اسان کي ن ملي رهيو آهي ، اسان جڏهن بااثر شخص کان پڇا ڪئي هئي ت هن چيو ت هڪ دڪان مان چوري ڪرڻ ڪانپوءِ اسان وٽ وري ن آيو آهي پر چوري ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌس خلاف ڪو ب ڪيس داخل ن ٿيو آهي جنهن جي ڪري اسان کي بااثر شخص تي خدشو آهي ت هن کيس پنهنجي بنگلي جي اندر مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي قتل ڪيو آهي يا وري ڪٿي قيد ڪري ڇڏيو آهي ، مٿس ڪو ب الزام آهي ت ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ ڪيس پوليس حوالي ڪيو وڃي ت اسان کي معلوم ٿي سگهي ت هو زنده آهي يا قتل ٿي ويو آهي ، جنهن جي ڪري سنڌس 5 معصوم ٻار پنهنجي ماءُ سان گڏ فاقاڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن ٻن معصوم ٻارڙين ٻن پٽن تعليم ڇڏي ڏني آهي ، اسڪول ن وڃي رهيا آهن جڏهن گهر ۾ کاڌي لاءِ ڪجهه ڪونهي ت ٻار اسڪول ڪيئن ويندا ، هڪ معصوم ٻار سال جو آهي جنهن کي پڻ کاڌ خوراڪ ڪارڻ لاءِ پريشان رهان ٿي ، معصوم ٻار اڪثر بيمار رهي ٿو جنهن جي ڪري ذهني طور پريشانين ۾ مبتلا ٿي وئي آهيان ، ٻي سيڪشن ٿاڻي تي درخواست ڏني هئي پر پوليس ڪا ب ڪاروائي ن ڪئي، ٻروي بااثر شخص کان پوليس ڪا پڇا ڪئي آهي ، منهنجو مڙس بازياب ڪرائي ن ڏنو ويو ت مجبور ٿي پنهنجو ٻارن کي ٻارن سميت باهه ڏئي آپگهات ڪندس.

بقايا سنڌيار 39

ڊاڪٽر امام الدين ڪوسو جي اعزاز ڪوسا برادري پاران غلام مصطفيٰ ڪوسو جي ميزباني ۾ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ ڪوسا برادري سميت مختلف برادرين جي سوين ماڻهن شرڪت ڪري چيف گيسٽ ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو جو شاندار نموني استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو کي بوسڪي جو پٽڪو پارايو ويو آجياڻي جي پر وقار تقريب کي خطاب ڪندي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو چيو آهي ت اهڙا پروگرام منعقد ڪرڻ با مقصد هجڻ گهرجن جيئن اجوڪي هن پروگرام ۾ ب اسان پاران شرڪت ڪرڻ جو ب ڪو مقصد آهي مقصد اهو آهي ت تعليم تي توجه ڏيو نياڻين کي پڙهايو هڪڙي نياڻي پڙهي چڙهي ت سڄو گهر پڙهيو لکيو ٿي ويندو ب زميندار، مالدار هجي پر ان کان وڌيڪ اهميت پي ايچ ڊي ڪيل نوجوان کي آهي اسان جي سڃاڻپ ب تعليم ٿي آهي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو ڪوسا برادري سميت سڀني کي هدايت ڪئي ت ٺيڪ عمل ڪريو پنهنجي آسپاس ۾ رهندڙن کي ڪم اچو ڪنهن کي ب تڪليف ن ڏيو هن وڌيڪ چيو ت تعليم ۾ ملڪ سنڌ ۽ قوم جي ڀلائي ۽ بهتري آهي ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو ڪوسا برادري کان وچن ورتو ت جيئن اسان سال ڪانپوءِ ٻيهر هتي اچون ت تعليمي ترقي ڏسڻ ۾ اچي ڇاڪاڻ ت تعليم ئي سڀني مسئلن جو حل آهي تقريب ۾ اڳوڻو ايم پي اي رئيس فقيرداد ڪوسو ڪيپٽن ذوالفقار ڪوسو ماستر نياز ڪوسو گاجي شاه جي گادي نشين رسول بخش ڪوسو رئيس عبدالرحمان ڪوسو رئيس نثار ڪوسو رئيس خدابخش ڪوسو حاجي محمد قاسم ڪوسو آف متياري پنو جمالي ڏاڪٽر خان ڪوسو آف ميهڙ محمد صفر ڪوسو تاج محمد ڪوسو سرمد ڪوسو محمد اشرف ڪوسو اين بي ڪوسو مهيسر ڪوسو ميان خان بليدي عبدالحميد لاڪير راشد لاڪير ڊاڪٽر امان الله چانڊيو ڊاڪٽر زاهد اوٺو قربان علي ٻرڙو امير مزمل ڪوسو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 40

پارٽي جي سينيئر اڳواڻ علي حسن شهاڻي جي طرفان اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ عظيم الشان جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اين اي 200 جي اميدوار نعمان اسلام شيخ پي ايس 24 جي پ پ اميدوار سيد فرخ شاه جو شاندار استقبال ڪيس ريلي کي خطاب ڪندي نعمان اسلام شيخ چيو ت وڏي ت هميشه پيپلز پارٽي جو مضبوط قلعو رهيو آهي، هنن هميشه پيپلز پارٽي جو ساٿ ڏنو آهي، پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي، فرخ شاه جلسي کي خطاب ڪندي چيو ت عوام پاڻ ٻڌائي ت مهانگائي جو ت پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه عوام جي خدمت ٿي آهي ۽ ڪندي رهندي، ان موقعي تي علي حسن شاهاڻي عبدالجبار اشفاق حسين لاشاري سجاد پائي آصف بالا لالا ڪاشف بادشاه شاهاڻي ۽ ٻين پڻ سمورن معززين کي سنڌ تحفا پيش ڪيا

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ايڊيٽر اعجاز مهر Reg No 2677 ABC Certified ڪراچي Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر ب شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي ب سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا ن گهرجن، پر جنهن وقت ب ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ ب ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com